Reg No 2677

ABC Certified

ايڊيٽر: اعجاز مهر

روزاني

سنڌيار

Daily SINDHYAR Karachi

NTN 4129440-8

www.dailysindhyar.com

جلد: 11 | چنڇر 03 جون 2023ع بمطابق 13 ذوالقعد 1444ھ | شمارو: 227 | قيمت 10 روپيا

چيف جسٽس سان هٿ نه ملائڻ واري ويڊيو وارو مامرو، جسٽس قاضي فائز عيسيٰ وضاحت جاري ڪري ڇڏي

اها ڳالهه حقيقت جي ابتڙ آهي ته مان سپريم ڪورٽ ۾ هڪ الڳ گروپ ٺاهيو آهي، تڪڙي انصاف لاءِ اسان کي غير ضروري معاملن ۾ پوڻ بدران گڏجي عدالتي نظام تعمير ڪرڻ گهرجي

جسٽس اقبال حميد الرحمان ڪالهه شريعت ڪورٽ جي چيف جسٽس طور پنهنجي عهدي جو حلف کنيو، پروگرام جي پڄاڻي تي مان سيني کان اڳ ان جي گهرواري وٽ سلام ڪرڻ ۽ ڪيس مبارڪباد ڏيڻ ويس

اڳوڻي عالم جسٽس ڊاڪٽر سيد محمد انوار سان گفتگو لاءِ ويس، جتي جسٽس عمر عطا بنديال به ان سان ملڻ لاءِ پهتو، ڪنهن اهو لمحو رڪارڊ ڪيو ۽ ان سان غلط طور ان ڳالهه جي واڌ ڪري ڇڏي ته مان جسٽس بنديال کي سلام نه ڪيو

مان ان کان ڪجهه منٽ اڳ جسٽس بنديال سان ملي چڪو هئس، منهنجي رُخ مٽائڻ جو سبب اهو هو ته جسٽس رحمان جي گهرواري پنهنجي مٽن مائٽن سان منهنجو تعارف ڪرائي رهي هئي

اها ڳالهه به حقيقت جي ابتڙ آهي ته مان سپريم ڪورٽ ۾ هڪ الڳ گروپ ٺاهيو آهي، اها ڳالهه بلڪل غلط آهي، مان آئين جي تحفظ ۽ دفاع لاءِ پنهنجي عهدي جي حلف جو پابند آهيان

ميڊيا ۾ غلط تعبيرون سامهون آيون آهن، منهنجي درخواست آهي ته حقيقت جي ابتڙ خبرون نه هلايو، ڇو ته اهي غير ضروري غلط فهميون ۽ نقصان جو سبب بڻجن ٿيون: جاري ڪيل وضاحت

اسلام آباد (م ڊ) سپريم ڪورٽ جي سينيئر جج جسٽس قاضي فائز عيسيٰ چيف جسٽس عمر عطا بنديال سان اختلافن جي خبرن تي وضاحت جاري ڪندي چيو آهي ته اها ڳالهه حقيقت جي ابتڙ آهي ته مان سپريم ڪورٽ ۾ هڪ الڳ گروپ ٺاهيو آهي، تڪڙي انصاف لاءِ اسان کي غير ضروري معاملن ۾ پوڻ بدران گڏجي عدالتي نظام تعمير ڪرڻ گهرجي.

پنهنجي وضاحتي بيان ۾ جسٽس قاضي فائز عيسيٰ/بقايا پوهو صفحو 2 نمبر 01

شهزاد اڪبر جي پاءُ جي بازيابي مامرو: آءِ جي صاحب! وردي نٿا سنبالي سگهو ته گهر هليا وڃو: عدالت

اسلام آباد هاءِ ڪورٽ پاران عدالتي حڪم تي عمل نه ٿيڻ تي سخت ڪاوڙ جو اظهار ڪيو ويو

عدالت ڊي جي رينجرز ۽ آءِ جي اسلام آباد کي ايندڙ ڀڏڻي تي پيش ٿيڻ جو حڪم ڏنو

آرڊر جو مقصد اصلي وردي وارن کي تحفظ فراهم ڪرڻ آهي: جسٽس محسن اختر ڪياني

اسلام آباد (رپورٽر) اسلام آباد هاءِ ڪورٽ چيو آهي ته شهزاد اڪبر جو ڪنبيل پاءُ بازياب نه ٿيو ته دفاع واري وزير ۽ وزيراعظم کي گهرائيندا سين ته اسلام آباد هاءِ ڪورٽ پاران عدالتي حڪم تي عمل نه ٿيڻ تي سخت ڪاوڙ جو اظهار

/بقايا پوهو صفحو 2 نمبر 06

پرويز خٽڪ پي ٽي آءِ جي صوبائي صدر جو عهدو ڇڏي ڏنو

ڪيترن ئي ڏينهن کان ملڪ ۾ سياسي حالتون ڏسي رهيو آهيان: پرويز خٽڪ

ملڪ جو سياسي ماحول گهڻو خراب آهي، ان ماحول ۾ هلڻ ڏکيو آهي

پشاور (م ڊ) خيبر پختونخواهه جي اڳوڻي وڏي وزير پرويز خٽڪ به تحريڪ انصاف خيبر پختونخواهه جي صدارت چڏڻ جو اعلان ڪري چڏيو. پريس ڪانفرنس ڪندي پرويز خٽڪ چيو ته

کيترن ئي ڏينهن کان ملڪ ۾ سياسي حالتون ڏسي /بقايا پوهو صفحو 2 نمبر 08

لياري ايڪسپريس وي ٽي پيپلز بس سروس شروع ڪرڻ جو فيصلو

اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ واري وزير شرجيل انعام ميمڻ جي صدارت هيٺ هڪ اهم ترين اجلاس ٿيو

اجلاس ۾ سيڪريٽري ٽرانسپورٽ سليم راجپوت، ايم ڊي سنڌ ماس ٽرانزٽ اٿارٽي ڪمال ڊاڊيو، ايڊيشنل سيڪريٽري ٽرانسپورٽ ڪرن شيخ، نيشنل هاءِ وي اٿارٽي جي ميمبر منير ميمڻ ۽ ٻيا شريڪ

عوام جي سفري مشڪلاتن کي گهٽائڻ لاءِ لياري ايڪسپريس وي ٽي پيپلز بس سروس شروع ڪئي وڃي: اجلاس ۾ فيصلو

ڪراچي: اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ واري وزير شرجيل انعام ميمڻ اجلاس جي صدارت ڪندي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ سرڪار عوام جون سفري مشڪلاتن گهٽائڻ لاءِ لياري ايڪسپريس وي ٽي پيپلز بس سروس جي نان اسٽاپ سروس شروع ڪرڻ جو فيصلو ڪري چڏيو آهي. اُن حوالي سان اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ واري وزير شرجيل انعام ميمڻ جي صدارت هيٺ هڪ اهم ترين اجلاس ٿيو اجلاس ۾ سيڪريٽري ٽرانسپورٽ سليم راجپوت، ايم ڊي سنڌ ماس ٽرانزٽ اٿارٽي ڪمال ڊاڊيو، ايڈيشنل سيڪريٽري ٽرانسپورٽ ڪرن شيخ، نيشنل هاءِ وي اٿارٽي جي ميمبر منير ميمڻ، ڊي آءِ جي هاءِ وي اينڊ موٽر وي پوليس جاويد علي مهر، ڊي آءِ جي ٽريفڪ

/بقايا پوهو صفحو 2 نمبر 05

ايندڙ مالي سال قومي ترقياتي بجيٽ 2458 ارب روپيا رکڻ جي تجويز

وفاقي وزارتن جي ترقياتي بجيٽ 359 ارب روپيا، ڪارپوريشنز لاءِ 141 ارب رکڻ جي تجويز ڏني وئي

خاص ايرياز آزاد ڪشمير ۽ گلگت بلتستان لاءِ 55 اربن جي ترقياتي بجيٽ جي تجويز ڪئي وئي

پنجاب جي ترقياتي بجيٽ 426 ارب روپيا رکڻ جي تجويز ڏني وئي آهي، جيڪا جولاءِ کان آڪٽوبر رڳو 4 مهينن لاءِ آهي

اسلام آباد (م ڊ) ايندڙ مالي سال قومي ترقياتي بجيٽ 2458 ارب روپيا رکڻ جي تجويز ڏني وئي آهي، دستاويز موجب وفاقي ترقياتي بجيٽ 900 ارب رکڻ جي تجويز ڪئي وئي آهي ۽ صوبن جي ترقياتي بجيٽ 1558 ارب روپيا رکڻ جي تجويز ڏني

/بقايا پوهو صفحو 2 نمبر 11

ايڪسائيز ڪاٽي پاران روڊ چيڪنگ مهم 05 جون کان شروع ٿيندي

مهم جو مقصد ٽيڪس نه ادا ڪندڙ گاڏين کان ٽيڪس جي وصولي آهي: مڪيش ڪمار چاولا

روڊ چيڪنگ مهم لاءِ 9 ٽيمون جوڙيون ويون، 37 مختلف جڳهن تي چيڪنگ ڪندي

ٽيڪس ادا نه ڪندڙ ناخوشگوار صورتحال کان بچڻ لاءِ پنهنجي ٽيڪسز فوري طور تي ادا ڪن

ڪراچي (رپورٽر) صوبائي وزير ايڪسائيز اينڊ ٽيڪسيشن ۽ انسداد منشيات مڪيش ڪمار چاولا جي هدايت تي پوري صوبي ۾ ٽيڪس نه ادا ڪندڙن گاڏين کان ٽيڪس وصولي جي روڊ چيڪنگ مهم سومر ڏينهن 05 جون کان شروع ٿي

/بقايا پوهو صفحو 2 نمبر 17

ڪراچي: صوبائي وزير گيانچند ايسراڻي پوهومل شيوڪاني اسپتال ۾ ٻيڙل آهي

صوبائي وزير گيانچند ايسراڻي پوهومل شيوڪاني جي واقعي جو نوٽيس ورتو

ڪراچي (رپورٽر) اقليتي معاملن کاتي واري صوبائي وزير گيانچند ايسراڻي پوهومل شيوڪاني جي واقعي جو سخت نوٽيس وٺندي جوابدار کي جلد گرفتار ڪرڻ جي هدايت ڪئي آهي پنهنجي هڪ بيان ۾ صوبائي وزير ابراهيم حيدري ۾ پوهومل شيوڪاني ۽ اوڊهه مل جي گهرمان ٽيل ڏاڙي جي مذاحمت ڪرڻ تي ۽ پوهومل شيوڪاني جي زخمي ٿيڻ واري معاملي جو

/بقايا پوهو صفحو 2 نمبر 22

سنڌ حڪومت پاران غير قانوني حددخلين ۽ هائيڊرنٽس خلاف ڪارروائي جو فيصلو

چيف سيڪريٽري سنڌ ڊاڪٽر محمد سهيل راجپوت جي صدارت هيٺ اجلاس ٿيو

غير قانوني هائيڊرنٽس جيڪڏهن پيهر چالو ٿيا ته لاڳاپيل ايس ايچ او خلاف ڪارروائي ڪئي ويندي: ڊاڪٽر محمد سهيل راجپوت

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ حڪومت ڪراچي ۾ غير قانوني حددخلين ۽ پاڻي چورن خلاف سخت ڪارروائي جو فيصلو ڪيو آهي. اڄ سنڌ جي چيف سيڪريٽري ڊاڪٽر محمد سهيل راجپوت جي صدارت هيٺ اجلاس ٿيو. جنهن ۾ سنڌ

/بقايا پوهو صفحو 2 نمبر 23

واٽر بورڊ جي سي اي او پاران پاڻي ۾ ڪلورين بدران فنائل ملائڻ جي خبرن جي سختي سان تردير

واٽر بورڊ نيگليريا جي روڪٿام لاءِ ڏينهن رات ڪم ڪري رهيو آهي: انجنيئر سيد صلاح الدين احمد

عالمي اداري جي مقرر معيار ۽ مقدار موجب فراهم ڪيل پاڻي ۾ ڪلورين جي گهربل مقدار شامل ڪئي پئي وڃي

واٽر بورڊ هر مهيني ضرورت مطابق ڪلورين جا 240 سلنڊر استعمال ڪري ٿو: جاري ڪيل بيان

ڪراچي (رپورٽر) سي اي او واٽر بورڊ انجنيئر سيد صلاح الدين احمد پاران پاڻي ۾ ڪلورين بدران فنائل ملائڻ جي خبرن جي سختي سان تردير ڪندي

/بقايا پوهو صفحو 2 نمبر 31

سنڌ جي تعليم ڪاٽي ۾ ارلي چائلڊ هوڊ ٽيچر پرتي ڪرڻ جو فيصلو

ڪراچي (رپورٽر)، سنڌ جي تعليم ۽ ثقافت واري وزير سيد سردار علي شاهه جي هدايت تي اسڪول ايجوڪيشن ڪاٽي ۾ ارلي چائلڊ هوڊ ٽيچر (اي سي ٽي) جي 1500 خالي جاين تي پرتي ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي. تفصيل موجب

/بقايا پوهو صفحو 2 نمبر 29

مراد سعيد جي گرفتاري لاءِ ڪي پي ڪي پوليس کي خاص ٽاسڪ ڏنو ويو

مراد سعيد ڪي پي ڪي، پنجاب ۽ اسلام آباد پوليس کي گهربل آهي

گرفتاري لاءِ خيبرپختونخواهه پوليس کي خاص ٽاسڪ ڏنو ويو

پشاور (م ڊ) پاڪستان تحريڪ انصاف جي اڳواڻ مراد سعيد جي گرفتاري لاءِ خيبرپختونخواهه پوليس کي خاص ٽاسڪ ڏنو ويو آهي.

/بقايا پوهو صفحو 2 نمبر 30

پنجاب جي اڳوڻي وڏي وزير عثمان بوزدار سياست چڏڻ جو اعلان ڪري چڏيو

مان فوج سان گڏ بيٺو آهيان ۽ اڳتي به فوج سان گڏ ئي رهندس: عثمان بوزدار

14 مهينن کان مختلف عدالتن ۾ ڪيسن کي منهن ڏئي رهيو آهيان

حڪومت جي آخري ڏينهن ۾ عمران خان عثمان بوزدار کي وڏو وزارت تان هٽائي پرويز الاهي کي وڏو وزير مقرر ڪيو هو

پنجاب جو اڳوڻو وڏو وزير ۽ تحريڪ انصاف اڳواڻ عثمان بوزدار

ڪوئيٽا (م ڊ) پنجاب جي اڳوڻي وڏي وزير ۽ تحريڪ انصاف اڳواڻ عثمان بوزدار سياست چڏڻ جو اعلان ڪري چڏيو ڪوئيٽا ۾ پريس ڪانفرنس

/بقايا پوهو صفحو 2 نمبر 12

سماجي اڳواڻ جبران ناصر جي اغوا جو ڪيس داخل

جبران ناصر جي گهرواري مڙس جي مبينا اغوا تي ڪيس جي درخواست ڪلفٽن ٿاڻي ۾ جمع ڪرائي

پوليس منهنجي درخواست تي ڪيس داخل نه ٻڌي ڪري، جنهن لاءِ عدالت سان رابطو ڪنديس: منشا پاشا

ڪراچي (م ڊ) ڪراچي ۾ سماجي اڳواڻ جبران ناصر جي اغوا جو ڪيس داخل ڪيو ويو جبران ناصر جي گهرواري منشا پاشا مڙس جي مبينا اغوا تي

/بقايا پوهو صفحو 2 نمبر 16

پرويز الاهي آزاديءَ جو حڪم ملندي ئي ٻئي ڪيس ۾ گرفتار

لاهور جي ضلعي ڪچهري ۾ پرويز الاهي خلاف ترقياتي منصوبن ۾ مبينا ڪرپشن ۽ اختيارن جي ناجائز استعمال جي ڪيس جي ڀڏڻي تي

اينٽي ڪرپشن پوليس پرويز الاهي کي عدالت ۾ پيش ڪري سندس 14 ڏينهن جي جسماني رمانڊ جي اپيل ڪئي

پرويز الاهي کان پڇا ڳاڇا ڪرڻي آهي، هن اختيارن جو ناجائز استعمال ڪندي خزاني کي نقصان پهچايو: سرڪاري وڪيل

جيڪڏهن پرويز الاهي ٻئي ڪنهن ڪيس ۾ گهربل ناهي ته ڪيس فوري طور آزاد ڪيو وڃي: عدالت

غالب مارڪيٽ ٿاڻي جي پوليس به پرويز الاهي جي گرفتاري لاءِ تيار ٿي وئي آهي، پرويز الاهي خلاف غالب مارڪيٽ ٿاڻي ۾ دهشتگردي جي قلمن تحت ڪيس داخل آهي

پنجاب جي اڳوڻي وڏي وزير عثمان بوزدار جي ڪوئيٽا پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس، 9 مئي واقعن جي مذمت، مان فوج سان گڏ بيٺو آهيان ۽ اڳتي به فوج سان گڏ ئي رهندس

لاهور (م ڊ) پنجاب جو اڳوڻو وڏو وزير پرويز الاهي هڪ ڪيس جي آزادي جو حڪم ملڻ کانپوءِ ٻئي ڪيس ۾ گرفتار ٿي ويو. لاهور جي ضلعي ڪچهري ۾ پرويز الاهي خلاف ترقياتي منصوبن ۾ مبينا ڪرپشن ۽ اختيارن جي ناجائز استعمال جي ڪيس جي ڀڏڻي ٿي. اينٽي ڪرپشن پوليس پرويز الاهي کي عدالت ۾ پيش ڪري سندس 14 ڏينهن جي جسماني رمانڊ جي اپيل ڪئي. سرڪاري وڪيل

/بقايا پوهو صفحو 2 نمبر 04

ڪراچي: صدر ڊاڪٽر عارف علوي تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي

پاڪستان 200 پارٽي ماهيگيرن ۽ 3 سويلين قيدين کي آزاد ڪندو

هن کان اڳ 198 پارٽي ماهيگيرن کي هن سال 12 مئي تي وطن واپس اماڻيو ويو هو

هي قدم پاڪستان جي انساني همدردي جي معاملن تي سياست نه ڪرڻ جي پاليسي مطابق آهي

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو زرداري چيو آهي ته پاڪستان 200 پارٽي ماهيگيرن ۽ 3 سويلين قيدين کي آزاد ڪندو جمعي تي

/بقايا پوهو صفحو 2 نمبر 09

پاڪ فوج جو حامي آهيان، پي ٽي آءِ نه چڏيندس: پرويز الاهي

لاهور (م ڊ) تحريڪ انصاف جي صدر چوڌري پرويز الاهي پاڻ کي بي ڏوهه قرار ڏئي چڏيو. لاهور ۾ عدالت ۾ پيشي جي موقعي تي صحافين سان غير رسمي گفتگو ڪندي پرويز الاهي چيو ته مان بي ڏوهه آهيان ۽ پاڪ فوج جو حامي آهيان. مان ڪا پريس ڪانفرنس نه ڪندس، پي ٽي آءِ ۾

/بقايا پوهو صفحو 2 نمبر 03

راول ڊيم ۾ زهريلو ڪيميڪل ملائي هزارين آبي جيوت کي ماريو ويو

اسلام آباد (م ڊ) راول ڊيم ۾ زهريلو ڪيميڪل ملائي هزارين آبي جيوت کي ماريو ويو. زهريلي ڪيميڪل سان وڏي انگ ۾ مڇيون، آبي پکي، ڪڇيون ۽ ٻيا آبي جيوت مري ويا. زهريلي ڪيميڪل ملائڻ جي الزام ۾ ٻن شڪين کي گرفتار ڪري ڪيس داخل ڪيو ويو آهي ۽ واقعي

/بقايا پوهو صفحو 2 نمبر 07

ترين جون ملاقاتون جاري، پي ٽي آءِ جو هڪ ٻيو اڳوڻو وزير سندس گروپ ۾ شامل

لاهور ۾ جهانگير ترين سان اوقاف ۽ مذهبي معاملن بابت اڳوڻي صوبائي وزير سعيد الحسن ملاقات ڪئي

ملاقات ۾ پير سيد سعيد الحسن جهانگير ترين گروپ ۾ شموليت جو اعلان ڪيو

سيد سعيد الحسن جو واسطو نارووال سان آهي ۽ تڪ پي پي 46 مان پي ٽي آءِ جي ٽڪيٽ تي اسمبلي ميمبر چونڊيو هو

لاهور (م ڊ) سينيٽر سياستدان جهانگير ترين جي گروپ ۾ تحريڪ انصاف جي اڳوڻن اسمبلي ميمبرن جي شموليت جو سلسلو جاري آهي. لاهور ۾ جهانگير ترين سان اوقاف ۽ مذهبي معاملن بابت اڳوڻي صوبائي وزير سعيد الحسن ملاقات

/بقايا پوهو صفحو 2 نمبر 10

لاهور: جهانگير ترين سان اوقاف ۽ مذهبي معاملن بابت اڳوڻي صوبائي وزير سعيد الحسن ملاقات بعد ٻيڻل آهي

حليم عادل شيخ تحريڪ انصاف سنڌ جو صدر مقرر

علي زيدي طرفان پارٽي چڏڻ کانپوءِ پي ٽي آءِ سنڌ جي صدر جو عهدو خالي هو

علي زيدي 24 مئي تي تحريڪ انصاف ۽ سياست چڏڻ جو اعلان ڪيو هو

ڪراچي (م ڊ) حليم عادل شيخ کي پاڪستان تحريڪ انصاف سنڌ جو صدر مقرر ڪيو ويو آهي علي زيدي طرفان پارٽي چڏڻ کانپوءِ پي ٽي آءِ سنڌ

/بقايا پوهو صفحو 2 نمبر 13

اسلام آباد: وفاقي وزير سينيٽر اعظم نذير تارڙ سان پنجاب بار ڪائونسل جو وفد ملاقات ڪري رهيو آهي

پي ٽي آءِ جي گرفتار عورتن جيل ۾ زيادتي جي پاڻ تردير ڪري چڏي

جيئن گهر تي ڪاهه ڪئي وئي، ڇا اهو عمل مذمت جوڳو ناهي؟: عاليا حمزه

جيڪڏهن ترهان کي سوشل اڪائونٽن سان مسئلو آهي ته سوشل ميڊيا جا ڪيس ڪيو

لاهور (م ڊ) پي ٽي آءِ جي گرفتار عورتن جيل ۾ زيادتي جي خبرن تي تردير ڪري چڏي. عدالت ۾ پيشي کان اڳ پي ٽي آءِ جي گرفتار عورت صنم جاويد

/بقايا پوهو صفحو 2 نمبر 18

گورنر هائوس ۾ بلديا ڪراچي جي اسپتالن ۽ طاقتور پاڪستان پروگرام جو اعلیٰ سطحي اجلاس

طاقتور پاڪستان پروگرام تحت هڪ لک ماڻهن کي 6 مهينن لاءِ راشن فراهم ڪرڻ جي منصوبي تي به غور

بلديه عظميٰ جي سمورن طبي مرڪزن خاص ڪري انهن ٻنهي اسپتالن جي بهتري اولين ترجيحن ۾ شامل آهي: گورنر

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي گورنر ڪامران خان ٽيسوري جي صدارت هيٺ گورنر هائوس ۾ بلديا ڪراچي جي اسپتالن ۽ طاقتور پاڪستان پروگرام جو اعلیٰ سطحي اجلاس ٿيو. اجلاس ۾ بلديه عظميٰ ڪراچي جي اسپتالن جي بهتري لاءِ قدمن

/بقايا پوهو صفحو 2 نمبر 20

ڪراچي: گورنر ڪامران ٽيسوري اجلاس جي صدارت ڪندي

هي حڪومت اسان جي ناهي پي ڊي ايم جي آهي: ڪيپٽن (ر) صفدر

مان پڻ بغاوت جي ڪيس کي منهن ڏئي رهيو آهيان

مون کي هر پيري سوال ايندو آهي ته ميان صاحب ڪڏهن ايندو

لاهور (م ڊ) مسلم ليگ ن جي اڳواڻ ڪيپٽن (ر) صفدر چيو آهي ته هي اسان جي نه پر پي ٽي ايم جي حڪومت آهي لاهور جي ضلعي ڪچهري ۾ گڏالهائيندي ڪيپٽن (ر) صفدر چيو ته اميد اهو آهي ته مان 6 سالن کان ڪيس کي منهن ڏئي

/بقايا پوهو صفحو 2 نمبر 25

لاهور: مسلم ليگ ن جي اڳواڻ ڪيپٽن (ر) صفدر ميڊيا سان گڏالهائي رهيو آهي

سنجيده ڳالهيون رڳو وزيراعظم سان ٿي سگهن ٿيون: رانا ثناءالله

ڪيس تحريڪ انصاف کان الحيدگي وارو نه آهي پرويز الاهي وڏي وزير طور پنهنجي موجوده دور ۾ گهٽي ڪرپشن ڪئي

فرح گوگي ٽيڪن ۾ 10 سيڪٽرو ڪميشن ۽ گرين لينڊ کي برائونڊ لينڊ ڪرائي اربين روپيا ڪمايا

جهاز جي ذريعي سندس پٽ مونس الاهي ڊالر ٻاهرين ملڪ منتقل ڪيا ويا: وفاقي گهرو وزير

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) وفاقي گهرو وزير رانا ثناءالله چيو آهي ته تحريڪ ۽ حڪومت وچ ۾ گڏالهيون سنجيده گڏالهيون چاهيو ٿا ته اهم ٽي سگهن ٿيون ٽيوٽر تي پنهنجي پيغام ۾ چيو ته جيڪڏهن سنجيده گڏالهيون رڳو وزيراعظم شهبازشريف جي ذريعي صرف

/بقايا پوهو صفحو 2 نمبر 19

اسلام آباد: اي پي ايم ايل جو چيئرمين احمد رضا قصوري پريس ڪانفرنس ڪري رهيو آهي

پاڪستان جو ايٽم بم خطي ۾ امن جي ضمانت آهي: رضا قصوري

اسلام آباد (بيورو) اي پي ايم ايل جي چيئرمين احمد رضا قصوري چيو آهي ته پاڪستان جو ايٽم بم خطي ۾ امن جي ضمانت آهي. موجوده دور پنجين نسل جي جنگ آهي. پاڪستاني عوام ۽ فوج وچ ۾ خال پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي. مئي، 9 اگست ملڪ جو ڪارو ڏينهن آهي. ملڪ جي 75 سالن جي تاريخ ۾ پهرين ڀيرو فوج کي نشانو بڻايو ويو.

ميانوالي /بقايا پوهو صفحو 2 نمبر 21

خيرپور جي اسڪول ۾ امتحان دوران شاگردياڻي تي وحشيانو تشدد، وارپٽي تذليل

نساءِ وساڻ طرفان 5 عورتن امتحاني سينٽر ۾ داخل ٿي هلندڙ پيپر ۾ ناحيل مهيسر تي ڪلاس اندر حملو ڪيو

جوابدار عورتن شاگردياڻي کي وارن کان گهيلي سخت مارڪٽ ڪئي ۽ ڪيس رتو رت ڪري مٿي جا وار پٽي چڏيا

خيرپور (رپورٽر) خيرپور جي اسڪول ۾ معمولي ڳالهه تان چوڪرين جي هڪ گروهه شاگردياڻي کي وحشيانو تشدد جو نشانو بڻايو ۽ سندس وار پٽي چڏيا. 4 ڏينهن اڳ اي سيڪشن ٿاڻي جي حد گورنمينٽ گرلز هائيئر سيڪنڊري اسڪول خيرپور

/بقايا پوهو صفحو 2 نمبر 24

صوبائي وزير شهلا رضا، سنڌ پوليس ۽ سنڌ وومين ڊولپمينٽ کاتي جي ڪوشش سان هڪ ٻي چوڪري بازياب

13 ورهين جي مشال منور کي 27 ڊسمبر تي ڪراچي جي علاقي سعيد آباد مان اغوا ڪيو ويو هو

سنڌ جي وومين ڊولپمينٽ واري صوبائي وزير شهلا رضا به مشال جي بازيابي لاءِ آءِ جي سنڌ سان ملاقات ڪئي

پوليس جي اينٽي واڻلٽ ڪرائم سيل قائد آباد مان چوڪري مشال کي بازياب ڪري ٽن جوابدارن کي گرفتار ڪري ورتو

ڪراچي (رپورٽر) صوبائي وزير شهلا رضا، سنڌ پوليس ۽ سنڌ وومين ڊولپمينٽ ڊپارٽمينٽ جي ڪوشش سان هڪ ٻي عيسائي چوڪري، کي بازياب

/بقايا پوهو صفحو 2 نمبر 26

ٽل ۾ پوليس مقابلي ۾ مارجي ويل نوجوان صدام لاشاري جي پوسٽ مارٽم رپورٽ پڌري

نوجوان صدام لاشاري کي مبينا مقابلي ۾ چار گوليون لڳيل آهيون: رپورٽ

ٻه گوليون سيني ۾ ۽ ٻه گوليون جسم جي مختلف حصن ۾ لڳيون هيون

ٽل (رپورٽر) ٽل ۾ پوليس مقابلي ۾ مارجي ويل نوجوان صدام لاشاري جي پوسٽ مارٽم رپورٽ پڌري ڪئي وئي آهي. پوسٽ مارٽم رپورٽ موجب

/بقايا پوهو صفحو 2 نمبر 27

ڪينيڊا جي سماجي ڪارڪن پوليس آفيسر جي قتل ۾ جيل جي سزا ڪان بچي وئي

ڪراچي (م ڊ) ڪينيڊا جي سماجي ڪارڪن جاسمين هارٽن پوليس آفيسر جي قتل جو الزام ثابت ٿيڻ باوجود جيل جي سزا ڪان بچي وئي. پرڏيهي خابرو اداري موجب عدالت 34 ورهين جي جاسمين کي 30 هزار پائونڊ ۽ 300 ڪلاڪ

/بقايا پوهو صفحو 2 نمبر 28

چيف جسٽس سان اختلافن جون خبرون، جسٽس قاضي فائز عيسيٰ وضاحت جاري ڪري چڏي

جسٽس ڊاڪٽر سيد محمد انوار سان گفتگو لاءِ ويس، جتي جسٽس عمر عطا بنديال به ان سان ملڻ لاءِ پهتو: قاضي فائز عيسيٰ

ڪنهن اهو لمحو رڪارڊ ڪيو ۽ ان سان غلط طور ان ڳالهه جي واڌ ڪري چڏي ته مان جسٽس بنديال کي سلام نه ڪيو

ميڊيا ۾ غلط تعبيرون سامهون آيون آهن، منهنجي درخواست آهي ته حقيقت جي ابتڙ خبرون نه هلايو

اسلام آباد (م ڊ) سپريم ڪورٽ جي سينيئر جج جسٽس قاضي فائز عيسيٰ چيف جسٽس عمر عطا بنديال سان اختلافن جي خبرن تي وضاحت جاري

/بقايا پوهو صفحو 2 نمبر 14

جسٽس قاضي فائز عيسيٰ ۽ چيف جسٽس عمر عطا بنديال

هڪ ڏينهن لهڻ کانپوءِ آمريڪي ڊالر اچ وري چڙهي ويو

اوپن مارڪيٽ ۾ ڊالر هڪ روپيو مهانگو ٿي 300 روپين جي سطح تي اچي ويو

ڪاروبار جي پڇاڻي تي هڪ ڊالر 285 روپين 68 پئسن جو رهيو

ڪراچي (م ڊ) هڪ ڏينهن گهٽجڻ کانپوءِ آمريڪي ڊالر پاڪستاني ريٽي جي پيٽ ۾ وري چڙهي ويو. اوپن مارڪيٽ ۾ ڊالر هڪ روپيو مهانگو

/بقايا پوهو صفحو 2 نمبر 15

سنڌ لوئر اسٽاف جو پروموشن نہ ملڻ خلاف احتجاج، اڳاري کان مڪمل تالا بندي جو اعلان

صدر لوئر اسٽاف منظور حسين انڙ، طاهر حسين ۽ ٻين ڊائريڪٽر اسڪول آفيس آڏو احتجاج ڪيو

27 سالن کان لوئر اسٽاف جي پروموشن نہ ٿيڻ ۾ آفيسر ملوث آهن نہ ٿا چاهين ڪو ملازم اڳتي اچي: منظور انڙ

ڊائريڪٽر اسڪول ايجوڪيشن رشوت عيوض ميرٽ جي لتاڙ ڪري پنهنجا من پسند ماڻهو اڳتي آڻي پيو: خطاب

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) آل سنڌ ايجوڪيشن ڊيپارٽمينٽ لوئر اسٽاف پاران ڊائريڪٽر اسڪول جي آفيس آڏو 27 سالن کان پروموشن نہ ملڻ خلاف صدر آل سنڌ ايجوڪيشن ڊيپارٽمينٽ لوئر اسٽاف منظور انڙ جنرل سيڪريٽري طاهر حسين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

ڪراچي: ننڍا ملازم مطالبن هي مجتا لاءِ احتجاج ڪري رهيا آهن

ڪراچي جي علاقي بلاول ڪالوني مان ڪنيي گم ڪيل اصغر پنگوار جي آزادي لاءِ احتجاج

جيئي سنڌ قومي محاذ نوابشاهہ پاران علي رضا خاصخيلي جي اڳواڻي ۾ مظاهرو ڪيو ويو

قومي ڪارڪن اصغر پنگوار کي سنڌ سان محبت جي ڏوهہ ۾ ڪنيي گم ڪيو ويو آهي: مظاهرين

نوشهروفيروز (ڊ ر) ڪراچي جي بلاول ڪالوني مان ڪنيي گم ڪيل نوجوان قومي ڪارڪن اصغر پنگوار جي آزادي لاءِ جسقم ۽ وارثن جو ڏهين ڏينهن بہ پريس ڪلب نوشهرو فيروز آڏر احتجاج 11 جون تي جسقم جي مرڪزي وائيس چيئرمين امجد مهيسر جي اڳواڻي ۾ ڏرڻي جو اعلان، ان موقعي تي احتجاج جي اڳواڻي ڪندڙ عزيز پنگوار، فيصل مستوئي، الطاف انصاري، مختيار /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

بنون کان راهوڻ ويندڙ ابڙال روڊ انتهائي زبون، ٽرڪ ڏماڪي سان ڪري پئي

بنون کان راهوڻ وايا ابڙال روڊ جي سالن کان وئي مرمت نہ ٿي سگهي آهي: رهواسي

ايس ٽي پي اڳواڻ عبدالڪريم پليجو، شريف ميمڻ، جمن سومرو، غلام عباس پليجو احتجاج ڪيو

وچ ۾ تقريبن 15 کان وڌيڪ برج موريون هنڌان هنڌان ٽٽل آهن، ڪيربہ ڏيان ڏيڻ لاءِ تيار ناهي: مظاهرين

ڏڙو (رپورٽ: شوڪت ميمڻ) بنون کان راهوڻ ويندڙ ابڙال روڊ انتهائي زبون بشيل راهوڻ پل مال بردار ٽرڪ گذرڻ سبب ڏماڪي سان ڪري پئي. لڪين روپين جو نقصان. بنون راهوڻ ۽ ابڙال ۽ ٻين شهرن جي ايندڙ ويندڙ گاڏين جي آمدرفت بند. ڳوٺائن طرفان روڊ تعمير نہ ٿيڻ خلاف احتجاج. تفصيل موجب بنون کان راهوڻ وايا ابڙال روڊ جي سالن کان وئي مرمت نہ ٿي سگهي. پٿر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

ڏڙو: روڊ زبون حال هڻڻ سبب ڪلٽي ٽيل ٽرڪ جو ڏيک

پ پ هميشہ پارٽي مٿان سر قربان ڪندڙن جي اولاد ڪي اوليت ڏني آهي: اڳواڻ

نٿون ديرو (شاد محمود پٺو) پاڪستان پيپلز پارٽي هميشہ پارٽي مٿان سر قربان ڪندڙن جي اولاد کي اوليت ڏني آهي مخصوص سيٽن جي فارم بحالي ڪانپو، پاڪستان پيپلز پارٽي طرفان مخصوص سيٽن جي اميدوارن کي پارٽي ٽڪيٽ جاري ڪري چڏي حتمي لسٽ بہ جمع ٿي وئي. ذريعن موجب پاڪستان پيپلزپارٽي جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

سکر پوليس پاران هڪ ئي رات ۾ 3 مبينا مقابلا، ٽن ڏوهارين کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

ساڄي ٽنگ ۾ گوڏي هيٺان گوليون هڻي ٽن مبينا ڏوهارين کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪرڻ جي لازوال دعويٰ

نئون پنڊ ٿاڻي جي پوليس نئون ڳوٺ قبرستان واري علاقي ۾ ڏوهارين سان مقابلو ڪري ڏوهاري گرفتار ڪيو

سي سيڪشن پوليس ڊي اين ڊي ٽاور واري علاقي ۾ مقابلي دوران اقرار علي کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪري ورتو

سکر (رپورٽ امداد علي گل ڪلوڙ) سکر پوليس هڪ ئي رات ۾ 3 مبينا مقابلا، ٽن ڏوهارين کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ. مقابلا ڪندڙ اهلڪار تربجي بشيل، گوڏي هيٺان گولي هڻي وارو رڪارڊ برقرار، خبرموجب سکر پوليس جا اهلڪار تربجي بشيل ويا آهن. سکر شهر ۾ گذريل رات ديرسان 3 مبينا مقابلا ڪري ساڄي ٽنگ ۾ گوڏي هيٺان گوليون هڻي ٽن مبينا ڏوهارين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

نوشهرو فيروز ۾ رانجهن چانڊيو ۽ محمد يعقوب چانڊيو جي ٻن ڌرين وچ ۾ تڪرار جو نيرو

ڳوٺ محمد ابراهيم چانڊيو ديہ ڳاڙهو ۾ فوجي علي مراد چانڊيو ۽ علي شير چانڊيو ڳالهيون ٻڌيون

ماضي ۾ پيش ايندڙ معاملن مسئلن سميت ڪا بہ ڳالہ نہ ڪرڻ ۽ قرآن پاڪ رکي ڪير ڪنڊ ڪيو ويو

مومن علي ڪوسو، اڪبر علي ماچي، امداد چانڊيو، خادم ٻرڙو، خادم چانڊيو، سعيد خان چانڊيو شريڪ ٿيا

نوشهروفيروز (رپورٽ: منظور ملڪ) عزتون ڪرڻيون ۽ محبتون ڏنيون هونديون آهن تہ سمورو ڪجهہ رساري چڏيو آهي. سلام هجي ٻنهي ڌرين کي. الله پاڪ اوهان کي هميشہ هڪ ٿي رهڻ جي توفيق ڏئي ڏهن سالن کان رانجهن چانڊيو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

نوشهروفيروز: چانڊيا برادري ۾ ڏاهہ بعد ڌرين پاڪر پائي رهيون آهن

گمبٽ پرسان ڳوٺ قائم خان چانڊيو ۾ مدرسي جي مولوي جو نينگر تي تشدد

گمبٽ (عبدالحيٰ شيخ) گمبٽ پرسان ڳوٺ قائم خان چانڊيو ۾ مدرسي جي مولوي جو معصوم يتيم نينگر مڻان ٻي رحمائر تشدد. معصوم ڪتابي کي اٿڻ ويهڻ کان لاچار ڪري چڏيو. وارثن جو احتجاج، انصاف جو مطالبو. خبر موجب گمبٽ پرسان ڳوٺ قايم خان چانڊيو جي رهواسي هڪ نوجوان پنهنجي معصوم پائٽي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

تنڊو محمد خان جسقم آريسر جي چئيرمين اسلم خيرپوري جي اڳواڻي ۾ احتجاج

مير غلام علي پارڪ کان احتجاجي ريلي ڪڍي پريس ڪلب آڏو مظاهرو ڪري ڏرڻو هنيو ويو

جسقم آريسر جي اڳواڻ عبدالخالق خاصخيلي ۽ سندس ساٿي روشن ٺاڪر کي ظاهر نہ ڪيو: اڳواڻ

مسلسل احتجاج هلي رهيا آهن، پوليس قومي اڳواڻ کي ظاهر نہ ڪري ناانصافي ڪري رهي آهي

تنڊو محمد خان (رپورٽ) تنڊو محمد خان جسقم آريسر جي چئيرمين اسلم خيرپوري جي اڳواڻي ۾ مير غلام علي پارڪ کان احتجاجي ريلي ڪڍي پريس ڪلب آڏو مظاهرو ڪري ڏرڻو هنيو ويو. انهي موقعي تي جسقم آريسر جي چئيرمين اسلم خيرپوري، اسماعيل نوتڪاڻي، فتح چنا ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو تہ 4 ڏينهن گذرڻ جي باوجود جسقم آريسر جي اڳواڻ عبدالخالق /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

دادو ۾ هوٽل تي اوڌارتي چانهہ نہ ڏيڻ تان لغاري ۽ جمالي برادري ۾ جهيڙو، 10 زخمي

جمالي برادري جي ماڻهن لغاري برادري مٿان ڏنڊن، سروٽن ۽ لٺين جو وسڪارو ڪري ڏنو

لغاري برادري جا همت لغاري، اميو، وحيد، امتياز، مختيار، سخاوت لغاري سميت ٻيا زخمي ٿيا

دادو اي سيڪشن پوليس حملو ڪندڙ کي گرفتار ڪري تحفظ فراهم ڪري: متاثرين جون دانهون

دادو (ن سنڌيار) دادو ۾ سبزي منڊي وٽ هوٽل تي اوڌر تي چانهہ نہ ڏيڻ تان لغاري ۽ جمالي برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو 10 ڇڻا زخمي 2 مرٽيڪ سيوهڻ ريفر، سبزي منڊي وٽ چانهہ جي هوٽل تي اوڌر تي چانهہ نہ ڏيڻ تان جمالي برادري جي ماڻهن جو لغاري برادري مٿان ڏنڊن، سروٽن ۽ لٺين جو وسڪارو 10 ڇڻا زخمي، زخمين ۾ لغاري برادري جا همت لغاري، اميو، وحيد، امتياز، مختيار /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

دادو: چانهہ جا پئسا گهرڻ تان جهيڙي ۾ زخمي ٿيل لغاري ۽ جمالي برادري جا ماڻهو اسپتال ۾ داخل آهن

دادو جي ڳوٺ محمد علي بڙدي جي رهواسين پاران بااثرن خلاف احتجاجي مظاهرو

دادو (رپورٽ) دادو جي ڳوٺ محمد علي بڙدي جي رهواسين صداقت علي جتوئي، نثار احمد جتوئي دادو پريس ڪلب پهچي احتجاج بعد هنگامي پريس ڪانفرنس ڪندي دانهيو آهي تہ هڪ ايڪڙ 30 گهنٽا زرعي زمين ديہ خاصا چانڊيا سروي نمبر 573 تهہ مخدوم بلاول ۾ آهي جيڪا منظار زرداري کي 70 لک ۾ وڪرو ڪري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

نوشهروفيروز ۾ وڌندڙ گندگي خلاف خلاف سياسي سماجي تنظيمن پاران احتجاج جو اعلان

وڌندڙ گندگي، شهر کي نئون ڊرينيج سسٽم، رينچ مشين نہ ڏيڻ، ويزا سسٽم خلاف اجلاس ٿي گزريو

محمد يونس راچپر، منظور مغل، عبدالسلام پرٽ، قار محمد اشرف ماهنور شيخ ۽ ٻين پاران شرڪت

ڪاروبار بہ ٺپ ٿي ويو آهي هر طرف گندگي جا ڍير هجڻ ڪري شهر کنڊر جو ڏيک ڏئي رهيو آهي: مظاهرين

نوشهروفيروز (ڊ ر) نوشهروفيروز ۾ وڌندڙ گندگي، شهر کي نئون ڊرينيج سسٽم، رينچ مشين نہ ڏيڻ، ويزا سسٽم ۽ ڪرپشن خلاف سياسي و سماجي تنظيمن پاران احتجاج جو اعلان خبر موجب نوشهروفيروز ۾ وڌندڙ گندگي، شهر کي نئون ڊرينيج سسٽم، رينچ مشين نہ ڏيڻ، ويزا سسٽم ۽ ڪرپشن خلاف سياسي و سماجي تنظيمن پاران /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

شهدادڪوٽ ۾ مگسي برادري پاران شهر ۾ وڌندڙ بدامني خلاف احتجاجي مظاهرو

مگسي برادري جي سڌ تي سوين شهرين شهر ۾ وڌندڙ بدامني خلاف مظاهرو ڪري ڏرڻو هنيو

نوجوانن هٿن ۾ پلي ڪارڊ ڪڍي ڪوٽو موٽو چوڪ تي احتجاجي مظاهرو ڪري ڏرڻو هنيو، نعريبازي

شهدادڪوٽ (ڊ ر) شهدادڪوٽ ۾ مگسي برادري پاران شهر ۾ وڌندڙ بدامني، موٽرسائيڪل، موبائيل فون ڦر ۽ چوري ۽ اڇڻن خلاف احتجاجي مظاهرو ڪري سڌ تي سوين شهرين شهر ۾ وڌندڙ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

نوشهروفيروز ۾ ڊي سي پاران انٽريگريٽڊ آيوٽريڪج ايڪٽوئي تقريب جو افتتاح

سول سرجن ڊاڪٽر خادم علي مگريو، ڊاڪٽر لبنا اڪبر گهانگهرو ۽ ٻين پاران شرڪت ڪئي وئي

ڊسٽرڪٽ فوڪل پرسن عبدالستار ٻلال، ڊاڪٽر سجاول احمد مشوري، ڊاڪٽر عبدالخالق عباسي شريڪ

نوشهروفيروز (رپورٽ: منظور ملڪ) ڊپٽي ڪمشنر نوشهروفيروز شاهزيب شيخ پاران انٽريگريٽڊ آيوٽريڪج ايڪٽوئي تقريب جو افتتاح سول اسپتال نوشهروفيروز ۾ ٿي گذريو جنهن ۾ سول سرجن ڊاڪٽر خادم علي مگريو ڊاڪٽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

نوشهروفيروز: سول اسپتال ۾ انٽريگريٽڊ آيوٽريڪج ايڪٽوئي مهر جو افتتاح ڪيو پيو وڃي

سکر ۾ برسات کان پوءِ لاءِ مڪمل طور تي تياريون ڪيون ويون آهن: سيد ڪميل حيدر

بلدياتي نظام ۾ پيپلزپارٽي جا جيڪي بہ اميدوار اچي رهيا آهن اهي عوام جي خدمت ڪندا

ڪو چيئرمين آصف علي زرداري هميشہ سرپرائيز ڏنا آهن، ملڪ جو وزيراعظم بلاول ڀٽو زرداري ٿيندو

سکر (رپورٽ: امداد علي گل ڪلوڙ) پاڪستان پيپلزپارٽي جي اڳواڻ ضلعي ڪائونسل سکر جي چيئرمين لاءِ مضبوط اميدوار سيد ڪميل حيدر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

سکر جو پير مراد شاهہ قبرستان هڪ پيرو ٻيهر گندگي جي ور چڙهيل

گندي پاڻي سبب اڪثر قبرون مسمار ٿيڻ لڳيون، اختياريون خاموش تماشائي

ڊرينيج جو نظام خراب هجڻ سبب نالين ۽ گٽرن جو پاڻي قبرستان ۾ ڪاهي پئجي ويو

سکر (رپورٽ امداد علي گل ڪلوڙ) سکر جو پير مراد شاهہ قبرستان هڪ پيرو ٻيهر گندگي جي ور چڙهيل، گندي پاڻي سبب اڪثر قبرون مسمار ٿيڻ لڳيون، احتجاج، خبر موجب پراڻو سکر جي مائڪرو ڪالوني واري علاقي ۾ قائم قديمي پير /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

مورو ايس ايچ او پاران پوليس نفري سان گڏ فحاشي جي اڈي تي ڇاپو، 7 ڇڻا گرفتار

پوليس ٻانڊي روڊ سنڌ ڪالوني رٽ فحاشي جي اڈي تي ڇاپو هڻي چئن عورتن کي گرفتار ڪيو

غلام مرتضي ولد محرم لنڊ، محمد لايق ولد ڪرير بخش سولنگي ۽ اڪرم سولنگي گرفتار ٿيا

نوشهروفيروز (رپورٽ: منظور ملڪ) مورو ايس ايچ او مجيب الرحمان ناريجو جو پوليس نفري سان گڏ ٻانڊي روڊ سنڌ ڪالوني رٽ فحاشي جي اڈي تي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

نوشهروفيروز: فحاشي جي اڈي تان گرفتار ڪيل عورتون ٿانئي ۾ ٻيهل آهن

ڪراچي کان پڪنڪ تي آيل معصوم نينگري واٽرپارڪ ۾ ٻڏي فوت ٿي وئي

نينگري جي فوت ٿيڻ جو اطلاع ملندي ئي گهارو پوليس ايڊي ايمبولينس سان گڏ پهتي

فوت ٿيل نينگري جي سڃاڻپ 4 سالن منها ڏيءَ صمد جي نالي سان ٿي، گهر ۾ ڪهرام مچل

گهارو (بشام جوڪيو) ڪراچي کان پڪنڪ تي آيل معصوم نينگري واٽرپارڪ ۾ ٻڏي فوت نينگري جي فوت ٿيڻ جو اطلاع ملندي ئي گهارو پوليس ايڊي ايمبولينس ذريعي نينگري جو لاش رورل هيلٿ سينٽر گهارو پهچايو فوت ٿيل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

خانپورمهر مان اغوا ٿيل پنيرا برادري جي ٻن ڇڻن جي بازيابي لاءِ احتجاجي مظاهرو

شوڪت ۽ يونس پنيرو جي بازيابي لاءِ شيعہ علماءَ ڪائونسل پاران ريلي ڪڍي وئي

پنج گلي چوڪ کان تعلقہ پريس ڪلب خانپورمهر تائين ريلي ڪڍي مظاهرو ڪيو ويو

خانپورمهر (رپورٽ: آفتاب سيال) خانپورمهر مان اغوا ٿيل پنيرا برادري جي ٻن ڇڻن شوڪت ۽ يونس پنهور جي بازيابي لاءِ شيعہ علماءَ ڪائونسل پاران ريلي ڪڍي احتجاج مظاهرو ڪيو ويو شيعہ علماءَ ڪائونسل تعلقہ خانڀڙو جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

خانپورمهر: اغوا ٿي ويل پنيرا برادري جي ٻن ڇڻن جي بازيابي لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

بلڊنگس اينڊ هاءِ وي ڊويزن نوشهروفيروز پاران نوجوانن کان انٽرويو ورتا ويا

انٽرويو ايس جي اي ڊي اي گل حسن انصاري، انجنيئر هاءِ وي مسرور حسن ورتا

نوڪرين لاءِ تمام نوجوانن کان صاف شفاف طريقي سان انٽرويو ورتا ويا آهن: عملدار

نوشهروفيروز (ڊ ر) بلڊنگس اينڊ هاءِ وي ڊويزن نوشهروفيروز پاران هڪ کان چار اسڪيل جي خالي جاين لاءِ ضلع جي بيروزگار نوجوانن کان انٽرويو ورتا ويا. انٽرويو ايس جي اي ڊي اي گل حسن انصاري، انجنيئر هاءِ وي مسرور حسن، انجنيئر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

شهدادڪوٽ ۾ تحريڪ نفاذ فقہ جعفريہ پاران امام مهدي جي شان ۾ گستاخي خلاف احتجاج

ٻارهين امام مهدي عليہ السلام جي شان ۾ گستاخي ڪندڙ هڪن ۾ پلي ڪارڊ ڪڍي مظاهرو ڪيو

احسن باڪسر وقت جي ٻارهين امام مهدي عليہ السلام جي شان گستاخي ڪئي آهي: مظاهرين جو الزام

شهدادڪوٽ (ڊ ر) شهدادڪوٽ ۾ تحريڪ نفاذ فقہ جعفريہ پاران امام مهدي جي شان ۾ گستاخي واري عمل خلاف ريلي ڪڍي نعريبازي ڪئي وئي، شهدادڪوٽ ۾ تحريڪ نفاذ فقہ جعفريہ پاران ٻارهين امام مهدي عليہ السلام جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

ڪي اين شاهہ ۾ پاڪ فوج جي حمايت ۾ ريلي، ڪارڪن پاران شرڪت

پاڪ فوج جون ملڪ لاءِ وڏيون خدمتون آهن، ملڪ خاطر جان ڏيڻ لاءِ تيار آهيون

ريلي جي اڳواڻي سنڌ سمات ملاح آرگنائيزيشن مرڪزي ترجمان ممتاز ملاح ڪئي

خيرپورناٿن شاهہ (رپورٽ: برڪت علي چانڊيو) ڪي اين شاهہ ۾ پاڪ فوج جي حمايت ۾ ريلي، پاڪ فوج زنده باد جي زبردست نعريبازي، پاڪ فوج جون ملڪ لاءِ وڏيون خدمتون آهن، ملڪ خاطر جان ڏيڻ لاءِ تيار آهيون: اڳواڻ خبر موجب: خيرپورناٿن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34

ڪي اين شاهہ: پاڪ فوج جي حمايت ۾ نڪتل ريلي جو ڏيک

ڪي اين شاهہ ۾ زراعت ڪاٽي پاران زرعي فصلن جي پيداوار وڌائڻ لاءِ ڪنونشن

معياري جنس جي پوکي سان ساريلي فصلن جي پيداوار ۾ اضافو ٿيندو: سيڪريٽري زراعت

ڪمپني ۽ زرعي ڪاٽي پاران گڏيل ڪوششن سان هارين ۽ آبادگارن کي زبردست ڄاڻ ملي ٿي

ڊي جي زراعت هدايت الله ڇڇڙو، ڊويزنل ڊائريڪٽر اسلام الدين راجپوت، ڊپٽي ڊائريڪٽر هيڊ ڪوارٽر شريڪ

خيرپورناٿن شاهہ (رپورٽ) ڪي اين شاهہ ۾ زراعت ڪاٽي پاران زرعي فصلن جي پيداوار وڌائڻ لاءِ ڪنونشن، آبادگارن جي پريور شرڪت، معياري جنس جي پوکي سان ساريلي فصلن جي پيداوار ۾ اضافو ٿيندو، سيڪريٽري زراعت قاضي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

قاضي احمد جي ڳوٺ علي رضا ڪوسو واسي نواب خان ڪوسو پاران احتجاجي مظاهرو

نوشهرو فيروز (رپورٽ: منظور ملڪ) قاضي احمد جي ڳوٺ علي رضا ڪوسو واسي نواب خان ڪوسو پنهنجي ماڻن علي نواز ڪوسو سهائي ڪوسو شير محمد ڪو ۽ دولتپور ايس ايچ او جي ظلمن کان تنگ ٿي نيشنل پريس ڪلب نوشهرو فيروز پهچي ميڊيان گالٺيندي ٻڌايو تہ منهنجي پٽ محمد حنيف ڪوسو نوشهرو فيروز جي عدالت ۾ پيار /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

ڪي اين شاهہ: زراعت ڪاٽي پاران ڪوئايل تقريب کي سيڪريٽري قاضي اعجاز مهيسر خطاب ڪري رهيو آهي

پرياروڊ ڳوٺ وڏل ڪيريو واسي اڏڙوٽ شخص کي نانگ ڪکي وڏو، گهر ۾ ڪهرام

اڏڙوٽ محمد صادق ڪيريو کي زخمي حالت ۾ نوشهروفيروز نيو ويو جنهن دم ڏٽي حوالي ڪيو

پرياروڊ اسپتال ۾ نانگ ڪڪڻ جي ويڪسين موجود نہ هئڻ ڪري مريض فوت ٿي وڃن ٿا: وحيد ڪيريو

نوشهرو فيروز (رپورٽ: منظور ملڪ) پرياروڊ ڳوٺ وڏل ڪيريو واسي اڏڙوٽ شخص ڀاٽي جي واري تي هيو تہ ڪيس نانگ ڪکي وڏو اڏڙوٽ شخص محمد صادق ڪيريو کي زخمي حالت ۾ نوشهروفيروز نيو ويو تہ رستي ۾ فوت ٿي ويو پوريهيت جو لاش گهر پهچن تي ڪهرام برپا ٿي ويو پوريهيت جي پاءُ وحيد ڪيريو ٻڌايو تہ پاءُ ڀاڻي جي واري تي هيو تہ ڪيس اوچتو نانگ ڪکي وڏو جنهن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

ٺٽي ۽ مڪلي ۾ پيئڻ جي پاڻي جي ڪوٽ توڙي بجلي جي لوڊشيڊنگ خلاف شٽر بند هڙتال

شٽر بند هڙتال جي سڌ جي مڪمل حمايت ڪندي واپارين پنهنجو ڪاروبار پاڻمرادو بند ڪري ڇڏيو

ٺٽو ۽ مڪلي تي سمورا ڪاروباري مرڪز، هٽ، هوٽلون، مانڊٽيون، دڪان، پٽرول پمپ بند رهيا

بار جي سڌ تي سيشن ڪورٽ ٺٽو ۾ وڪيلن پاران عدالتي ڪاروائين جو بائيڪاٽ ڪري ڇڏيو

ٺٽو (ڊ ر) ٺٽي ۽ مڪلي ۾ پيئڻ جي پاڻي جي سنگين ڪوٽ توڙي بجلي ۽ گئس بحران خلاف شهرين پاران اعلائيل شٽر بند هڙتال جي سڌ جي مڪمل حمايت ڪندي پنهنجو ڪاروبار پاڻمرادو بند ڪري ڇڏيو جنهن ڪري ٺٽو ۽ مڪلي تي سمورا ڪاروباري مرڪز، هٽ، هوٽلون، مانڊٽيون، دڪان، پٽرول پمپ بند رهيا. ٻئي طرف شهرين جي هڙتال جي حمايت ۾ ٺٽو بار جي سڌ تي سيشن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

ڪوٽڙي محمد ڪبير رهواسي بوهہ جي واپاري پاران احتجاجي مظاهرو

خانواهڻ (عاجز امتياز نوح پوٽو) ڪوٽڙي محمد ڪبير رهواسي بوهہ جو واپاري شاهد حسين راڄپر ٻڌسا تہ ملڻ خلاف پريس ڪانفرنس ڪندي ميڊيا وارن کي دانهيندي ٻڌايو تہ عبدالحڪيم ٽيپو ڏي منهنجا بوهہ جا اٽڪل هڪ ڪروڙ روپيہ رهيل آهن، جيڪي علاقي جي معززين ۽ چڱن مڙسن حي سامهون فيصلو ٿيو، فيصلي ۾ عبدالحڪيم /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

ٺٽو: بجلي جي لوڊشيڊنگ ۽ پاڻي ڪوٽ خلاف ڪيل شٽر بند هڙتال جو ڏيک

ابراهيم حيدري ۾ هٿيارنبندن جي واپاري جي گهر تي ڪاهہ، ڌاڙي جي ڪوشش، 2 زخمي

ڌاڙي جي ڪوشش دوران مزاحمت تي واپاري ۽ پٽ کي گوليون هڻي مرڻينگ ڪيو ويو آهي

هٿيارنبند گوليون هڻي هندو واپاري پوهو مل ڪيسواڻي ۽ پٽ گووندا ڪيسواڻي کي زخمي ڪيو

پيپلز پارٽي مينارٽي ونگ سنڌ جي نائب صدر مڪي اوڌا مل واقعي جي مذمت نوٽيس جي گهر ڪئي

ڪراچي (باغي ساگر) ابراهيم حيدري ۾ هٿيارنبندن پاران هندو واپاري جي گهر ۾ گهڙي پاٽين کي يرغمال بڻائي ڦر جي ڪوشش، گهر پاٽين پاران مزاحمت تي واپاري پٽ سميت زخمي، هٿيار بند فرار، خبر موجب: ابراهيم حيدري جي علاقي ۾ هٿيارنبندن هندو واپاري پوهو مل جي گهر ۾ گهڙي گهر پاٽين کي يرغمال بڻائي تشدد ڪري گهر مان ڦر جي ڪوشش /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

"موتمار مهانگائي نامنظور، پگهارون 200 سيڪڙو وڌايو"، آپڪا مرڪز پاران شڪارپور ۾ احتجاج

موتمار مهانگائي ۽ پگهارن ۾ 200 سيڪڙو اضافي لاءِ آپڪا ضلعي پاران احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

لوڪل گورنمينٽ، ميونسپل، روڊس، پبلڪ، صحت، سوشل ويلفيئر، ڪاليجز، فوڊ، فاريسٽ جا ملازم شريڪ

ريلي ڪڍي جيڪا شهر جي مختلف رستن کان ٿيندي جماڻي هال چوڪ پهتي جتي نتيجو اس ۾ ڏرڻو هنيو ويو

شڪارپور (عبدالخالق سومرو) "موتمار مهانگائي نامنظور، پگهارون 200 سيڪڙو وڌايو"، آپڪا مرڪز ۽ سنڌ جي سڌ تي شڪارپور جي 20 کان وڌيڪ ڊپارٽمينٽ جي ملازمن جي احتجاجي ريلي، نتيجو اس ۾ ڏرڻا، سخت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

شڪارپور: آپڪا ملازم مهانگائي ۽ پگهارن ۾ واڌ نہ ٿيڻ خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

تندو محمد خان ۾ پيپلز ليبر بيورو جي ڪارڪن پاران احتجاجي مظاهرو، بک هڙتال

تندو محمد خان (مظفر علي برڦي) تندو محمد خان ۾ پيپلزليبر بيورو جي ڪارڪن پاران مخصوص سيٽن ۾ ڪين نظر انداز ڪرڻ خلاف پريس ڪلب آڏو علامتي بک هڙتال، خبر موجب تندو محمد خان پريس ڪلب ٻاهران پيپلز ليبر بيورو جي ڪارڪن ليبر بيورو جي ضلعي صدر عبدالحڪيم دستي، غلام رسول جلالاڻي ۽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

پڊعيدن ۾ بااثر پير پاران پنهنجي عدالت لڳائي نوجوان تي وحشيانو تشدد، احتجاجي مظاهرو

پڊعيدن جي وارڊ نمبر 6 جي رهواسي راشد راجپوت کي بيٽري چوري الزام هيٺ سوگهو ڪيو ويو آهي

بااثر پير شفيق شاهہ پنهنجي عدالت لڳائي نوجوان کي سندس اوطاق تي رسن سان ابتو تنگي تشدد ڪيو

اسان مسڪينن سان سراسر ظلم آهي پير بااثر آهي اسان جي ڪيربہ ٻڌڻ لاءِ تيار نہ آهي: وارثن جون ڳالهيون

نوشهرو فيروز (رپورٽ: منظور ملڪ) پڊعيدن ۾ بااثر پير پاران پنهنجي عدالت لڳائي نوجوان تي تشدد ۽ تذليل نوجوان کي بجلي جا ڪرنٽ هڻڻ ۽ ريهڪ واري جاءِ تي ڏنڊا وجهڻ جو انڪشاف نوجوان مرٽيڪ پڊعيدن جي وارڊ نمبر 6 جي رهواسي نوجوان راشد راجپوت کي بيٽري چوري جي الزام ۾ بااثر پير شفيق شاهہ پنهنجي عدالت لڳائي نوجوان کي سندس اوطاق تي رسن سان ابتو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

غوثپور ڪچو بنڊي واري علاقي جي ڳوٺ موسو لولائي ۾ جهيڙو، 2 ڇڻا قتل

شريف لولئي ۽ موسو لولائي وارين ٻن ڌرين ۾ پراڻو تڪرار هڪ پيرو ٻيهر پڙڪي اٿيو

فائرنگ جي نتيجي ۾ شريف لولائي ڌرجا بہ نوجوان صاحب خان ۽ طالب لولئي ٽڏي تي مارجي ويا

اطلاع باوجود پوليس واقعي واري هنڌ ناهي پهتي جنهن سبب وڏيڪ رتوچاڻ جو پڻ خدشو آهي: ڏريعا

غوثپور (عبدالنبي ملڪ) غوثپور ڪچو بنڊي واري علاقي جي ڳوٺ موسو لولئي ۾ شريف لولئي ۽ موسو لولئي وارين ٻن ڌرين ۾ پراڻو خوني تڪرار هڪ پيرو ٻيهر پڙڪي اٿيو آهي ٻنهي ڌرين هڪ ٻئي مٿان پنهنجي جديد هٿيارن جا منهن کولي ڇڏيا فائرنگ جي نتيجي ۾ شريف لولئي ڌرجا بہ نوجوان صاحب خان ۽ طالب لولئي ٽڏي تي مارجي ويا اهڙي واقعي بعد ٻنهي ڌرين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

ڏهرڪي لڳ جهنگل ملڪ ٽي موري تي چاچڙ برادري جي گهرن چڙهائي

ڏهرڪي (رپورٽر) ڏهرڪي لڳ جهنگل ملڪ ٽي موري تي چاچڙ برادري جي گهرن مٿان ايس ايچ او اوباوڙو جي اڳواڻي ۾ پوليس اٽالن جي چڙهائي، گهرن کي باهہ ڀچ ڏاهہ عورتن ۽ ٻارڙن جون دانهون، انصاف جي اپيل، گهرن لي باهہ اسان نہ لڳائي آهي هاءِ ڪورٽ جي حڪم تي قبضو خالي ڪرائڻ آيا آهيون اوباوڙو پوليس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

غوثپور: ڳوٺ موسيٰ لولائي ۾ مارجي ويل ٻن نوجوانن جي حياتي جي تصوير

سلطانپور ۽ جوٽاس يوسين ۾ اڪرام الله جي پاءُ پاران اسڪيمن جو جائزو ورتو ويو

مختلف ڳوٺن ۾ تعزيتي پروگرامن ۾ شرڪت لاءِ سندس نندي پاءُ جام قادرخان ڏاريجو جو دورو

قادرخان ڏاريجو ڳوٺ خيرواندڙ ۾ مرحوم وڏيري عبدالواحد انڙ جي پونئيرن سان تعزيت ڪئي

ترقياتي ڪم

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
چنچر 03 جون 2023ع

مادر علمين ۾ هراسمينٽ جا وڏندڙ واقعا

هونئن ته سڄي ملڪ ۾ اعليٰ تعليمي ادارن، يونيورسٽين ۾ تعليم حاصل ڪندڙ نياڻيون، آفيسن ۽ ڪارگاهن ۾ ڪم ڪندڙ عورتون محفوظ ناهن، اهي قدم قدم تي ڏهڪاءُ، بليڪ ميلنگ ۽ هراسمينٽ جو شڪار ٿين ٿيون، پر هيءَ صوبن جي پيٽ ۾ سنڌ ۾ ته اهڙا ڪيس گهٽائي ۾ رپورٽ ٿي رهيا آهن. حالت ان نهج تي پهچائي ويئي آهي، جو نه نياڻيون بنان ڪنهن خوف جي تعليم حاصل ڪري سگهن ٿيون ۽ نه ئي وري ورڪنگ وومين آفيسن، فيڪٽرين ۽ ڪارگاهن ۾ ڪم ڪري سگهن ٿيون. هر هنڌ انهن کي هراسان ڪيو وڃي ٿو. سنڌ جي يونيورسٽين ۾ اهڙا ڪيس وڌيڪ ٿي رهيا آهن، جتي نياڻيون، هم ڪلاسي شاگردن توڙي استادن جي هراسمينٽ جو شڪار بڻجن ٿيون. هاڻي ته يونيورسٽين ۾ تدريسي شعبي سان لاڳاپيل پروفيسر عورتون به پنهنجي شعبي جي سربراهن ۽ وائيس چانسلرن جي هراسمينٽ جو شڪار ٿيڻ لڳيون آهن. اهڙو ئي هراسمينٽ جو هڪ اسڪينڊل سامهون آيو آهي. شهيد بينظير ڀٽو وٽرنري يونيورسٽي سڪرنڊ جي خاتون اسسٽنٽ پروفيسر ڊاڪٽر ارم ڀگهيو يونيورسٽي جي وائيس چانسلر فاروق حسن تي هراسمينٽ جو الزام هڻندي وفاقي محتسب وٽ دانهيو آهي. اهڙي ئي درخواست ان گورنر سنڌ، سنڌ جي وڏي وزير ۽ يونيورسٽيز اينڊ بورڊز جي صوبائي وزير ڏانهن به اماڻي آهي.

بگهڙ ته جهنگ ۾ آهن پر بگهڙ صفت ماڻهو سنڌ جي مادر علمين ۽ اعليٰ تعليمي ادارن ۾ به موجود آهن، جيڪي قدم قدم تي نياڻيون ۾ ڏهڪاءُ پکيڙين ۽ ڪين بليڪ ميل ڪن ٿا. هونئن ته اهڙا ڪيس تمام گهٽا ٿين ٿا، جن ۾ نياڻيون بليڪ ميلنگ جو شڪار ٿي يا ته هٿيار ڦٽا ڪن ٿيون يا وري پنهنجي زندگيءَ جو ڏيئو اجهائي ڇڏين ٿيون. انهن نياڻين جو تعداد بنهه گهٽ آهي، جيڪي انڪار جي جرئت ڪندي اهڙن بگهڙن جي نشاندهي ڪن ٿيون، سماج کي انهن جو اصل چهرو ۽ اصل روپ ڏيکارين ٿيون ۽ معاملا ميڊيا تائين ۽ اعليٰ اختيارين تائين انصاف لاءِ کڻي وڃن ٿيون. يونيورسٽين ۾ استاد، شاگرڊياڻين کي مارڪن جي ڪري به بليڪ ميل ڪن ٿا. ڪا شاگرڊياڻي انڪار جي جرئت ڪري ٿي ته اهي بگهڙ ان جو ڪيريئر تباهه ڪري ٿا ڇڏين. جو مارڪون انهن استادن جي ئي هٿ ۾ هوندين آهن. چانڊڪا يونيورسٽيءَ ۾ شاگرڊياڻي نمرتا ميرچنداڻي جو لاش هاسٽل جي ڪمري مان مليو. سنڌ يونيورسٽي جامشوري جي هاسٽل مان سنڌي شعبي جي شاگرڊياڻي نائلا رند جو لاش مليو. بينظير يونيورسٽي نوابشاهه جي شاگرڊياڻي فرزانه جماليءَ کي به هراسان ڪيو ويو. لياقت يونيورسٽي جامشوري جي فارميسي ڊپارٽمينٽ جي شاگرڊياڻي سائره به خودڪشيءَ جي ڪوشش ڪئي. ان کان سواءِ چانڊڪا يونيورسٽيءَ جي هاسٽل مان ڊاڪٽر نوشين جو لاش مليو. زرعي يونيورسٽي ٽنڊي جام جي هڪ عورت استاد کي پڻ هراسان ڪيو ويو، جنهن جون خبرون به ميڊيا جون شهه سرخيون بڻيون ۽ هاڻي وري ان هراسمينٽ جو شڪار شهيد بينظير ڀٽو وٽرنري يونيورسٽي سڪرنڊ جي خاتون اسسٽنٽ پروفيسر ڊاڪٽر ارم ڀگهيو ٿي آهي. تمام گهٽ شاگرڊياڻيون/عورتون اهڙيون آهن، جيڪي ڊاڪٽر ارم ڀگهيو جهڙي جرئت ڪن ٿيون.

عورتن جي حقن، انهن تي جنسي ۽ جسماني تشدد توڙي هراسمينٽ جي حوالي سان اسان جا حڪمران دنيا ۾ پاڻ کي روشن خيال ۽ ليبرل ڳڻائڻ لاءِ قانون سازي ته ڪرائين ٿا پر انهن قانونن تي عمل ڪو نه ٿو ٿئي. جڏهن به اهڙو ڪو معاملو ٿئي ٿو ته ان کي دٻايو وڃي ٿو. دٻاءُ وجهي، سماجي لاڳاپا استعمال ڪري معاملا ختم ڪيا وڃن ٿا. انڪوائري ڪميٽيون جوڙن ٿيون ته اهي به ملوث استادن/فردن کي بچائڻ جي ڪوشش ڪن ٿيون ۽ جواز اهو ڏنو وڃي ٿو ته ان سان مادر علمي بدنام ٿيندي ۽ مائٽ نياڻين کي پڙهڻ لاءِ نه ڇڏيندا. اڪثر ڪري ائين ٿيندو آهي ته اهڙن معاملن جي ڄاڻ مردن تي مشتمل ڪميٽي ڪندي آهي، جنهن ڪري نياڻيون معاملا ان ڪميٽيءَ جي اڳيان رکي ناهن سگهنديون يا وري اهڙي نموني انڪوائري ٿيندي آهي، جو اهي متاثر نياڻيون/عورتون بيزار ٿي لاتعلق ٿي بڻجي آهن. اسان اها گهرڪرڻ ۾ حقي واجبي آهيون ته ڊاڪٽر ارم ڀگهيو هراسمينٽ معاملي جي عدالتي ڄاڻ ڪنهن خاتون جج کان ڪرائي وڃي ته جيئن متاثر عورت بنا ڪنهن دٻاءُ جي پنهنجو ڪيس سامهون آڻي سگهي.

بقايا ٿيا ٽيڪس ادا نه ڪندڙ گاڏين کان ٽيڪس جي وصولي آهي. ڪراچي ۾ روڊ چيڪنگ مهم لاءِ 9 ٽيمون جوڙيون ويون آهن جڏهن ته ڪراچي ۾ 37 مختلف جڳهن تي چيڪنگ ڪندي صوبائي وزير ايڪسائيز اينڊ ٽيڪسيشن ۽ انسداد منشيات مڪيش ڪمار چاولا چيو ته انهن جڳهن ۾ ڪورنگي انڊسٽريل ايريا، بروڪ چورنگي، سنگر چورنگي، ڊي ايچ اي ڦيرستان، سن سيٽ بوليوارڊ روڊ، طوبيٰ مسجد، سائٽ، منگو پير روڊ، بنارس چورنگي، حب ريور روڊ، مزار قائد، شاهراهه قائدين، مسلم آباد، گلستان اسڪول، ڪارادر، ڪيماڙي، ڪوئينز روڊ، گلشن بائي آئي لينڊ، شاهين ڪامپليڪس، پي آئي ڊي سي، مائي ڪولاچي بائي پاس، مليير ڪنٽونمنٽ، لائيڊي انڊسٽريل ايريا، سعود آباد، ڪوڪراپار، پي آئي بي ڪالوني، ٽين هٽي، سولجر بازار، لسبيلا، جوهر چورنگي، ميٽرو ڪيش اينڊ ڪيري، ٽائم اسڪوائر، پهلوان گوٺ، ايف بي ايريا، ناظم آباد ۽ نارٿ ڪراچي شامل آهن. هن دوران ٽيڪس نه ادا ڪندڙن گاڏين جي مالڪن کان پڻ درخواست ڪئي آهي ته هو ڪنهن به ناخوشگوار صورتحال کان بچڻ لاءِ پنهنجي ٽيڪسز فوري طور تي ادا ڪن.

بقايا ٿيا آهي. جنهن ڪانپوءِ اهو 300 رپين جي سطح تي اچي ويو آهي. انٽربينڪ ۾ اڄ ڊالر 30 پئسا مهانگو ٿيو ۽ ڪاروبار جي پڄاڻي تي هڪ ڊالر 285 رپين 68 پئسن جو رهيو.

بقايا

سياٽو ڪانءُ به ٽنگو ڦاٽو!

سارنگ امر

سياٽو ڪانءُ به ٽنگو ڦاٽو آهي. 9 مئي تي فوجي علامتن تي حملن جا ڪيس فوجي ڪورٽن جي حوالي آهن. عمران خان هڪ طرح انهن حملن جي حمايت ڪندي چيو آهي ته ڪيس فوج گرفتار ڪرايو هو ته ردعمل به فوج خلاف ايندو. پين لفظن ۾ هن اهو چيو آهي ته اهي حملا منطقي هئا، پر منطق هر پيري درست نه هوندو آهي. چو ته دليل باطل به هوندو آهي. سڀ کان زهريلا دليل، سرمائيداريءَ جي حمايت ڪرڻ وارا ڏين ٿا. مثال طور، انساني سماج جي شروعات ۾ ڀاءُ ڀاءُ کي قتل ڪيو. يعني تشدد تاريخ جي سيني دورن ۾ نظر اچي ٿو. سو انهن جي چوڻ موجب تشدد انسان جي فطرت آهي. سرمائيدارن جي وٽ وراڻ ڪرڻ وارا ان واقعي جي بيان کي استعمال ڪرڻ جي بخار ۾ اهوسواري ويهن ٿا ته قاتل کي سخت پڇتاءُ ٿيو هو ۽ ڪيس محسوس ٿيو ته هن تعصب جي باهه ۾ قتل ڪيو. جڏهن سندس اها باهه وسامي وئي ته مٿس حقيقت کلي. سو منطق هن جو پنهنجو آهي، فوجي آفيسرن ۽ سندن حامين جو پنهنجو. فوجي آفيسر عمران خان جي ڳالهه کي دهشتگرد حملن جي سڌي حمايت سمجهن ٿا.

پي ٽي آءِ مان سياستدانن جو قطارون ڪري نڪري وڃڻ ڪيترن ئي ماڻهن لاءِ حيران ڪندڙ نه هو. انهيءَ سڄي مرحلي ۾ هڪ پهلوان وٺندڙ به آهي ته ڪي ماڻهو عمران خان جي پارٽي ته پيا ڇڏڻ چاهين پر هنن تي سخت دٻاءُ پيو. پر اها سياست جي خاصيت آهي ته گرفتاري، جيل، سختي يا قرباني ڪنهن نه ڪنهن موقعي تي منطقي طور ٿيندي آهي. عمران خان جا ڪارڪن ۽ ووٽر اڪثر سول ۽ فوجي آفيسرن جا پٽ، پائر عورتون آهن ۽ اهي به گهڻا ٿيا پنجاب ۽ ڪي پي مان. انهن ماڻهن سوين اسڪينڊلن ۾ ڦاٿل پنهنجي ليڊر جي پيروي ڪندي احتياط ڪان ڪم نه ورتو. فوجي علامتن تي حملا ڪيا. گهڻن ئي ماڻهن کي ياد هوندو ته هنن لاهور ۽ اسلام آباد وچ ۾ هڪ احتجاج دوران وڏي تعداد ۾ وڻ ساڙيا، ماحول دشمني ڪئي، نه سوچيو ته وٽن جو واسطو رياست سان گهٽ، عوام ۽ ماحول سان گهڻو هو. جڏهن هنن اهو ڪيو هو ته ڪين جن چيڪرا چيو هو، چا اهي غلط هئا؟ ۽ چا هاڻي اهڙي راءِ رکڻ وارا غلط آهن؟

عمران خان سميت اهي سڀ ماڻهو پيٽ پرين تولن مان آهن. اهي عوام جي سورن کي نه سمجهي سگهندا. ماضي ۾ ذوالفقار علي ڀٽي سرمائيدارن جي خلاف ڳالهايو هو پر پوءِ هن سرمائيدار ۽ پورهيت طبقي ۾ سرجاءُ ڪرڻ جو پنهنجو پاڻ ڏو ڪنيو پر سندس اها خواب پورو نه ٿي سگهيو هو. سياست طبقاتي ٿئي ٿي. هن وقت ملڪي اسٽيج تي نشانبر هر سياستدان سرمائيدارن لاءِ سياست ڪري رهيو آهي. ملڪ جي سياسي جسم ۾ موروثي سياست جو مرض پنهنجي جڳهه تي، جنهن جي ڪري ڪو ورڪر پنهنجي جدوجهد جي بنياد تي مٿئين عهدي تي نه ٿو پهچي سگهي. ان عهدي جو اهل سمجهيو وڃي ٿو يا ته پارٽي سربراهه جو پٽ يا ڌيءُ، بس. اصل ڳاله ته اها آهي جو ڪڏهن عوامي حمايت جي دعوا ڪندڙ عمران خان ته اهو به ڏسو نه ڪنيو رڳو سرمائيدارن جي خدمت ڪيائين. هن کي جيستائين وزيراعظم وارو بيج لڳل رهيو. اهو ساڍن ٽن سالن جو عرصو هن عوام دشمنيءَ وارا واعدا پورا ڪيا. مثال طور، هن ۽ سندس ڪابي ساڄي رهندڙن واعدو ڪيو هو ته سندن دور ۾ عوام کان رڙيون نه ڪرنديون. اهوئي ٿيو جڏهن شهباز شريف جو وارو آيو ته هن سڀ لاڳاپا لاهي مهانگائي ڪرڻ شروع ڪئي. جڏهن ته عمران خلاف هنن مهانگائيءَ جي معاملي تي احتجاجي مظاهرا ڪيا هئا. هاڻي ان جي اٿندڙ عوام دشمن طبقي جي منشا پوري پيو ڪري. ڪري به چو نه، جو هو پاڻ سرمائيدار آهي. هي هڪ اهڙو ملڪ آهي، جنهن تي حڪمرانيءَ جو حق رڳو سرمائيدارن کي ڏنو وڃي. يا ته آمر آيا يا سرمائيدار. معراج خالد کي چڏي ڪري ڪو وزيراعظم نه آيو، جيڪو "غريبڙو" هجي. پاڻ معراج خالد به ان لاءِ آيو جيئن 3 مهينا مالدارن جي خدمت ڪري. گهڻائي غريب، سرمائيدارن جي خدمت وڏي شوق سان ڪندا آهن. پوءِ پلي انهن کي پڳهار به نه ملي. عمران خان به ملڪيتدارن مان هو.

شهباز شريف جي اها رٽ اڃا جاري آهي ته هيءَ جيڪا به خرابي ٿي آهي، عمران خان جي ڪري آهي. هن وٽ چوڻ لاءِ ڪجه ناهي. عوام کي ڪو رليف نه ٿو ڏئي سگهي. سو اهڙيون ڳالهيون ڪري ٿو جنهن جي ڪا تڪ ئي نه ٿي ٿهي. روز سياسي دوڪي وارا اعلان آهن ته عوام کي رليف ملڻ گهرجي. اهو شخص جيڪڏهن وزيراعظم آهي ته ڪنهن کي ٿو مخاطب ٿئي ته عوام کي رليف ڏيو. تيل مهانگو ته سوين ۾ ڪيو ويو پر هاڻي ان جي قيمت چند رپيا ليٽر گهٽ ڪري دعوا ڪئي ويندي ته هنن وڏو ڪمال ڪيو آهي. عوام جو ڏيوالو ته ڪڏهوڪو نڪتو پيو آهي ۽ هوڏ سٽيل ماڻهن جي لاءِ آيل امداد ته ڏينهن ڏني هي حڪمران ديده دانسته ڪائي ويا، ۽ عوام خاموشيءَ سان ڏسي رهيو آهي.

عوام پنهنجي اڳواڻن جي اشارن جو محتاج هوندو آهي پر اڳواڻ ئي اوندهه ۾ هٿوراڙيون ڏئي رهيا آهن. اهي عوام جي ڪهڙي رهنمائي ڪندا؟ سو مزدور جو ساٿ ڏيڻ جڳهائي ٿو پورهيت طبقو پئي ڪنهن کان ڪيئن اميد رکي. اڄ جو زمانو مختلف ان ۾ به آهي ته سياست ۾ تشدد جي ڪابه گنجائش نه رهي آهي.

اردوان جي واپسي ۽ پاڪ- ترڪيه لاڳاپا

ڊاڪٽر عبدالمجيد چانڊيو

ستر واري ڏهاڪي جا اهي شروعاتي سال هئا، پُٽي جو دور هو. اسلامي ملڪ سڌائيندي به پاڪستان اجان ماڊرنائيزيشن جي راهه تي گامزن هو. ايڪسائيز ۽ ٽيڪسيشن جي وزيرن تي الله جو فضل ضرور هو پر سندن گهر "هٰذا من فضل ربي" جي اکرن سان زيب تن ڪونه ٿيا هئا. ڪڙو ۽ ڪيف موالين کي مباح هوندو هو، جو مان به مئٽرڪ پاس ڪري اچي حيدرآباد وسايو هو. پهرئين ڏينهن ئي بابا سائين اورينٽ هوٽل سان متعارف ڪرايو هو، جنهن جي چانه جو چسڪو مونکي وٺي ويو هو، جنهن مونکي تيز ۽ اسپيشل سيپريٽ چانه پيئڻ جو مڪمل عادي بڻائي ڇڏيو. حيدرآباد مون لاءِ نئون شهر هو، جتي اڪيلو گهمڻ شروع ڪيم. مخدوم اشفاق ۽ زوار نقوي سان اڃا ملاقاتون ڪونه ٿيون هيون. جيڪي 'جبيس' جو ڏس ڏين ها. تنهنڪري مان شوقيه چانه پيئڻ لاءِ اورينٽ ڈي رخ ڪندو هوس. هڪ ڏينهن اتي چانه پيئندي خبر پئي ته ڪاله ڪان وٺي ترڪي (هاڻوڪي ترڪيه) مان آيل هڪ ثقافتي گروپ هوٽل جي اسٽوڊيو ۾ پنهنجي فن جي مظاهرو ڪري رهيو آهي. ان ثقافتي طائفي جون تصويرون ڏسي مون به ڏهن روپين ۾ هڪ ٽڪيٽ خريد ڪري اهو ڪلچرل شو ڏٺو هو، جنهن مون ٻار تي ڪمالي ڪيفيت طاري ڪري ڇڏي هئي. خدا جي مهرباني هئي، جو ان عمر ۾ مون اهڙو شو ڏٺو، جنهن ترڪيءَ جي جديديت جو ته مون تي ڏاڪو ڄمايو پر پهراڙيءَ جي هڪ ٻار کي جديديت سان روشناس به ڪرايو اها جديديت، جتي مذهب ۽ آرٽ هڪ ٻئي جا دشمڻ ناهن، جتي سياست ۽ مذهب ريل جي پٽڙيءَ وانگر پور وچوٽي تي رهن ٿا.

تازو ان جديد ترڪيه جي صدارتي چونڊن جو ملڪ جي اندر توڙي دنيا ۾ ٻاهر وڏو چوپول هو. مغربي ميڊيا جي "آزاد ۽ منصفانه" چونڊن واري پرڪشش راڳڻيءَ، ترڪيه جي گڏيل اپوزيشن جي صدارتي اميدوار ڪمال اوغلو جي ڪٽڻ جا امڪان پئي ظاهر ڪيا، چو ته اردوان جي حڪومتي ڪارگذاري Cold Warدور جي مشهور آمريڪي صدر هيري ٽرومن جهڙي هئي. ريٽنگ جي لحاظ ڪان آمريڪي صدور ۾ ٽرومن هيٺين سطح جو ليڊر شمار ڪيو وڃي ٿو پر جنگ سٽيل يورپ جي تعمير لاءِ متعارف ڪرايل مارشل پلان ۽ ڪميونزم خلاف ترڪي ۽ يونان کي پرپور مدد ڏيڻ تي سندس نالو دنيا جي وڏن ليڊرن ۾ شامل آهي. اردوان ۽ سندس پارٽي AKPپنهنجي ويهن سالن جي دور جي پرڏيهي پاليسيءَ ۾ مغرب جي همنوا ٿيڻ بدران غير جانبدار رويو اختيار ڪيو ۽ ملڪ جي اندر مذهبي قدامت پسندي، جديد قوم پرستي ۽ ڪمالسٽ ماڊرنزم وچ ۾ بهترين توازن رکڻ ۾ ڪاميابي حاصل ڪئي، جيڪا يورپي يونين ۽ آمريڪا کي قابل قبول ڪانه هئي. اهو سڀ ڪرڻ ۽ پنهنجي اقتدار کي سگهه بخشڻ لاءِ هن ميڊيا سان گڏ طاقت جي ٻن اهم تاريخي مرڪزن، فوج ۽ عدليه کي ڪمزور ڪيو ۽ آئيني ترميم ذريعي صدارتي نظام نافذ ڪيو. عدالتون، جيڪي ڪڏهن آئين جي سيڪيولر اصولن جي خلاف مذهبي پارٽين تي پابندي لڳائيندين هيون ۽ فوج جو اقتداري ڪاريڊور ۾ مضبوط قوت وارو ڪردار هو، ٻاهرين دنيا کي تمام گهڻي اميد هئي ته گڏيل اپوزيشن اميدوار ڪمال اوغلو ڪامياب ٿيندو. پارليامينٽ ۾ جيتوڻيڪ AKPءِ ان جا اتحادي اڪثريت ۾ آهن پر مخالف ڌر جي پارٽين جي اتحاد جي پوزيشن اتي وڏيڪ مستحڪم ٿي آهي ۽ اردوان کي اڳ کان گهٽ سيٽون مليون آهن. صدارتي چونڊن جي پهرئين مرحلي ۾ اردوان کي 50 سيڪڙي کان به گهٽ ووٽ پيا. ٻيو مرحلو اوغلو ۽ سندس وچ ۾ تازو ڪجه ڏينهن اڳ ٿيو ۽ قومپرستن جي حمايت سان هو وري اقتدار نشين ٿي چڪو آهي.

پاڪستان ۽ ترڪيه جي روايتي ويجهن لاڳاپن جي شروعات 1948ع ۾ ٿي هئي. اردوان پنهنجي دور ۾ انهن کي وڏيڪ مضبوط ۽ مستحڪم ڪيو. هو پهريون غير عرب ليڊر آهي، جيڪو هڪ طرف پاڪستاني عوام وٽ عرب سياستدانن کان به وڌيڪ پسند ڪيو وڃي ٿو ۽ پاڪستاني سياستدانن ۾ هو ميان صاحب ۽ خانصاحب لاءِ رول ماڊل هيرو جي حيثيت رکي ٿو. ترڪ ميڊيا ۾ هن پاڪستاني narrativeکي ڪافي جاءِ ڏياري ۽ گڏيل قومن جي جنرل اسيمبليءَ ۾ ڪشمير مسئلي تي NSG، FATF۽ انساني حقن واري ڪائونسل سميت ٻين ڪيترن ئي عالمي فورمن تي مدد ڏيندو رهيو آهي. 2005ع جي زلزلي ۽ گڏريل سال جي ٻوڏ ۾ ترڪيه پاڪستان جي دل کولي مدد ڪرڻ وارن دوست ملڪن ۾ سڀ کان اڳيرو ٻيلنل نظر آيو.

اردوان جي دور 2009ع ۾ هڪ اعليٰ سطحي اسٽريٽجڪ ڪوآپريشن ڪائونسل HLSCC، جو بنياد وڌو ويو، جنهن هيٺ ٻئي ملڪ دفاع، اقتصاديات، واپار، سيڙپڪاري، مواصلات، توانائي، ثقافت ۽ سياحت جي اسمن تي هڪٻئي سان تعاون ڪري رهيا آهن. دنيا اندر پاڪستان ترڪيه جو سڀ کان وڏو دفاعي سامان خريد ڪندڙ ملڪ به شمار ٿئي ٿو. هڪ ارب ڊالر جي مالڀت جا چار بحري ڪورٽس، جيڪي پاڪستان نيوي جو حصو آهن، ترڪيه کان خريد ڪيا ويا آهن. هن دفاعي خريداريءَ ۾ ترڪيه طرفان پاڪستان کي ٽيڪنالاجي به فراهم ڪئي وئي آهي، جڏهن ته چين جهڙي دوست ملڪ کان، هٿيارن جي خريداري ۽ پوءِ ان جي ٽيڪنالاجي تائين رسائي حاصل ڪرڻ ۾ پاڪستان ڪڏهن ڪڏهن ڪافي مشڪلاتن کي منهن ڏيندو اچي ٿو. ڊپلوميسي جي ميدان ۾ پاڪستان ۽ ترڪيه، ڪشمير کان فلسطين، قبرص ۽ نگورنو ڪاراباخ جي مسئلن تائين هڪٻئي جا ساٿاري ۽ واهرو هجڻ جي تاريخ رکن ٿا.

پاڪستان ۾ اردوان جي صدر چونڊجڻ تي خوشيءَ جو اظهار ڪيو ويو آهي پر چونڊن کان اڳ ۾ غالب امڪان هو ته PDMحڪومت متان ڪلم ڪلا سائس يڪجهتي جو اظهار نه ڪري وجهي، چو ته اقتدار ۾ اچي بدلجڻ پاڪستاني سياستدانن جي خميير ۾ شامل آهي. جيئن ماضي قريب ۾ اسان جو اڳوڻو وزير اعظم عمران خان آمريڪا ۽ پارٽ جي اليڪشن ۾ ترتيبوار ٽرمپ ۽ مودي جي ڪليل حمايت ڪري ويٺو هو. تيئن پي ڊي ايم حڪومت نه ڪيو ۽ سٺو ڪيو. هونئن به عالمي سياست ۽ ڊپلوميسي جي ميدان تي دوستيون رياستي سطح تي ڳنڍڻ ۾ ايندڙيون آهن.

صدارتي اليڪشن ۾ اوغلو جي قيادت ۾ اتان جي اپوزيشن جو جهڪاءُ پارٽ طرف هو، جيڪو اشارن ڪناين ۽ ڊپلوميٽڪ لهجي ۾ ڳالهايو پئي ويو. جنهن مان ظاهر پئي ٿيو ته ترڪ اپوزيشن پارٽيون پاڪستان کان ناخوش آهن. جنهن جو هڪڙو سبب ترڪيه ۾ غير قانوني طور رهندڙ پاڪستاني ٿي سگهن ٿا. شام ۽ افغانستان مان آيل غير قانوني مهاجر اڳ ۾ ئي اتي هڪ وڏو مسئلو پيدا ڪريو وينا آهن، جن کي ترڪيه ۾ سيڪيورٽي رسڪ پڻ سمجهيو وڃي ٿو. استنبول ۽ ٻين ڪيترن ئي شهرن جي لوڪل گورنمينٽ جي قيادت اتان جي نوجوانن وٽ آهي، جيڪي مستقبل جا اتا ترڪ ۽ اردوان ٿي سگهن ٿا.

پاڪستان ڪي پنهنجن سفارتڪارن ذريعي ان نوجوان قيادت سان به رابطن وڌائڻ ۽ تارڪين وطن کي روڪڻ جا اپاءُ وٺڻ گهرجن.

*****

ڪراچي

بقايا

جيڪڏهن توهان ائين ڪر نه ٿا ڪري سگهو ته پوءِ گهر هليا وڃو، همراهه بازياب نه ٿيو ته دفاع واري وزير ۽ پوءِ وزيراعظم کي به گهرائيندا سين

07

***

جو چوڻ آهي ته ٻنهي جڻن اسان جي ڪميني کي لڪين رپين جو مالي نقصان پهچايو. تنهن ڪري انهن خلاف سخت ڪارروائي عمل ۾ آندي وڃي.

بقايا

08

***

رهيو آهيان. 9 مئي جي واقعن جي اڳ ئي مذمت ڪري چڪو آهيان. هن پي ٽي آءِ خيبر پختونخواهه جي صدارت ڇڏڻ جو اعلان ڪندي چيو ته ملڪ جو سياسي ماحول گهڻو خراب آهي. ان ماحول ۾ هلڻ ڏکيو آهي. سندس چوڻ هو ته اڳتي جي حڪمت عملي دوستن ۽ پارٽي ورڪرن سان صلاح ڪانپو، ٿئي ڪندس. جيڪا پروپيگنڊا ٿي رهي آهي اها درست ناهي. سوچي سمجهي فيصلو ڪيو آهي.

بقايا

09

***

هڪ ٽرٽ ۾ پرڏيهي وزير چيو ته هن کان اڳ 198 پارٽي ماهيگيرن کي هن سال 12 مئي تي وطن واپس اماڻيو ويو هو هن چيو ته هي قدم پاڪستان جي انساني همدردي جي معاملن تي سياست نه ڪرڻ جي پاليسي مطابق آهي بلاول ڀٽو چيو ته اسان کي همدردي کي سياست تي ترجيح ڏيڻ گهرجي.

بقايا

10

***

ڪئي ملاقات ۾ پير سيد سعيد الحسن جهانگير ترين گروپ ۾ شموليت جو اعلان ڪيو. سيد سعيد الحسن جو واسطو تارووال سان آهي ۽ هو پنجاب اسمبلي جي تڪ پي پي 46 تارووال مان پي ٽي آءِ جي ٽڪيٽ تي اسمبليءَ جو ميمبر چونڊيو هو هو پنجاب ۾ اوقاف ۽ مذهبي معاملن بابت وزير به رهي چڪو آهي. واضح رهي ته جهانگير ترين گذريل ڪجهه ڏينهن دوران 100 کان وڌيڪ سياسي اڳواڻن سان ملاقاتون ڪري چڪو آهي. جن ۾ پي ٽي آءِ ڇڏيندڙ اڳواڻ به شامل آهن.

بقايا

11

***

وٺي آهي. دستاويز موجب وفاقي وزارتن جي ترقياتي بجيٽ 359 ارب رپيا، ڪاهپريشنز لاءِ 141 ارب، جڏهن ته خاص ايريز آزاد ڪشمير ۽ گلگت بلتستان لاءِ 55 ارين جي ترقياتي بجيٽ جي تجويز ڪئي وئي آهي. دستاويز موجب ڪي پي ۽ ضم علاقن لاءِ 55 ارب، ايس ڊي جيز جي ترقياتي بجيٽ 90 ارب، پاڪستان ريلويز فنڊ لاءِ 100 ارب ۽ پبلڪ پراڊيوٽ پائيواري ذريعي 100 ارب رپيا خرچ ڪرڻ جي تجويز ڪئي وئي آهي. ان ڪانسواءِ پنجاب جي ترقياتي بجيٽ 426 ارب رپيا رکڻ جي تجويز ڏني وئي آهي. جيڪا جولاءِ کان آڪٽوبر رڳو 4 مهينن لاءِ آهي. سنڌ جي ترقياتي بجيٽ 617، ڪي پي جي ترقياتي بجيٽ 268 ارب ۽ بلوچستان جي ترقياتي بجيٽ 248 ارب رکڻ جي تجويز ڏني وئي آهي.

بقايا

12

***

ڪنڊي عثمان بوزدار 9 مئي واقعن جي مذمت ڪئي ۽ چيو ته مان فوج سان گڏ بيٺو آهيان ۽ اڳتي به فوج سان گڏ ٿي رهندس. هن چيو ته 14 مهينن کان مختلف عدالتن ۾ ڪيسن کي منهن ڏئي رهيو آهيان. واضح رهي ته عثمان بوزدار پي ٽي آءِ جي حڪومتي دور ۾ ٽن سال کان وڌيڪ عرصي تائين پنجاب جو وڏو وزير رهيو ۽ پي ٽي آءِ ۾ اڪثر ان جي ڪارڪردگي تي سوال اٿندا هئا پر عمران خان ڪيس پنهنجو وسيم اڪرم پلس قرار ڏنو هو. جڏهن ته پنهنجي حڪومت جي آخري ڏينهن ۾ عمران خان عثمان بوزدار کي وڏ وزارت تان هٽائي پرويز الاهي کي وڏو وزير مقرر ڪيو هو.

بقايا

13

***

جي صدر جو عهدو خالي هو. علي زيدي 24 مئي تي تحريڪ انصاف ۽ سياست ڇڏڻ جو اعلان ڪيو هو 9 مئي کان روپوش حليم عادل شيخ هن وقت سنڌ اسمبليءَ ۾ اپوزيشن ليڊر پڻ آهي.

بقايا

14

***

ڪري ڇڏي. پنهنجي وضاحتي بيان ۾ جسٽس قاضي فائز عيسيٰ چيو ته جسٽس اقبال حميد الرحمان ڪالهه شريعت ڪورٽ جي چيف جسٽس طور پنهنجي عهدي جو حلف ڪنيو. پروگرام جي پڄاڻي تي مان سيني کان اڳ ان جي گهرواري وٽ سلام ڪرڻ ۽ ڪيس مبارڪباد ڏيڻ ويس. سندس موجب ان ڪانپو، مان شريعت ڪورٽ جي اڳوڻي عالم جسٽس ڊاڪٽر سيد محمد انوار سان گفتگو لاءِ ويس. جتي جسٽس عمر عطا بنديال به ان سان ملڻ لاءِ پهتو. ڪنهن اهو لمحو رکارڊ ڪيو ۽ ان سان غلط طور ان ڳالهه جي واڌ ڪري ڇڏي ته مان جسٽس بنديال کي سلام نه ڪيو. جڏهن ته مان ان ڪان ڪجهه منٽ اڳ اهو ڪري چڪو هيس، منهنجي رُخ متائڻ جو سبب اهو هو ته جسٽس رحمان جي گهرواري پنهنجي متن مائٽن سان منهنجو تعارف ڪرائي رهي هئي. جسٽس قاضي فائز عيسيٰ چيو ته ميڊيا ۾ ان جو اتحادي اڪثريت ۾ آهن پر مخالف ڌر جي پارٽين جي اتحاد جي پوزيشن اتي وڏيڪ مستحڪم ٿي آهي ۽ اردوان کي اڳ کان گهٽ سيٽون مليون آهن. صدارتي چونڊن جي پهرئين مرحلي ۾ اردوان کي 50 سيڪڙي کان به گهٽ ووٽ پيا. ٻيو مرحلو اوغلو ۽ سندس وچ ۾ تازو ڪجه ڏينهن اڳ ٿيو ۽ قومپرستن جي حمايت سان هو وري اقتدار نشين ٿي چڪو آهي.

پاڪستان ۽ ترڪيه جي روايتي ويجهن لاڳاپن جي شروعات 1948ع ۾ ٿي هئي. اردوان پنهنجي دور ۾ انهن کي وڏيڪ مضبوط ۽ مستحڪم ڪيو. هو پهريون غير عرب ليڊر آهي، جيڪو هڪ طرف پاڪستاني عوام وٽ عرب سياستدانن کان به وڌيڪ پسند ڪيو وڃي ٿو ۽ پاڪستاني سياستدانن ۾ هو ميان صاحب ۽ خانصاحب لاءِ رول ماڊل هيرو جي حيثيت رکي ٿو. ترڪ ميڊيا ۾ هن پاڪستاني narrative ڪافي جاءِ ڏياري ۽ گڏيل قومن جي جنرل اسيمبليءَ ۾ ڪشمير مسئلي تي NSG، FATF ۽ انساني حقن واري ڪائونسل سميت ٻين ڪيترن ئي عالمي فورمن تي مدد ڏيندو رهيو آهي. 2005ع جي زلزلي ۽ گڏريل سال جي ٻوڏ ۾ ترڪيه پاڪستان جي دل کولي مدد ڪرڻ وارن دوست ملڪن ۾ سڀ کان اڳيرو ٻيلنل نظر آيو.

اردوان جي دور 2009ع ۾ هڪ اعليٰ سطحي اسٽريٽجڪ ڪوآپريشن ڪائونسل HLSCC، جو بنياد وڌو ويو، جنهن هيٺ ٻئي ملڪ دفاع، اقتصاديات، واپار، سيڙپڪاري، مواصلات، توانائي، ثقافت ۽ سياحت جي اسمن تي هڪٻئي سان تعاون ڪري رهيا آهن. دنيا اندر پاڪستان ترڪيه جو سڀ کان وڏو دفاعي سامان خريد ڪندڙ ملڪ به شمار ٿئي ٿو. هڪ ارب ڊالر جي مالڀت جا چار بحري ڪورٽس، جيڪي پاڪستان نيوي جو حصو آهن، ترڪيه کان خريد ڪيا ويا آهن. هن دفاعي خريداريءَ ۾ ترڪيه طرفان پاڪستان کي ٽيڪنالاجي به فراهم ڪئي وئي آهي، جڏهن ته چين جهڙي دوست ملڪ کان، هٿيارن جي خريداري ۽ پوءِ ان جي ٽيڪنالاجي تائين رسائي حاصل ڪرڻ ۾ پاڪستان ڪڏهن ڪڏهن ڪافي مشڪلاتن کي منهن ڏيندو اچي ٿو. ڊپلوميسي جي ميدان ۾ پاڪستان ۽ ترڪيه، ڪشمير کان فلسطين، قبرص ۽ نگورنو ڪاراباخ جي مسئلن تائين هڪٻئي جا ساٿاري ۽ واهرو هجڻ جي تاريخ رکن ٿا.

پاڪستان ۾ اردوان جي صدر چونڊجڻ تي خوشيءَ جو اظهار ڪيو ويو آهي پر چونڊن کان اڳ

بقايا | سنڌيار 01

پيش ڪيو. ٻڌڻي دوران عدالتي احاطي اندر ۽ ٻاهر سڪيورٽي جا انتظام سخت الزام هيٺ آيل جوابدارن ايم پي اي سردار چانڊيو ۽ برهان چانڊيو جي ۽ تلاشي ورتي وئي. فريادي پرويز چانڊيو جي تلاشي تي ام رباب جي حامي جي پوليس سان منهن ماري.تلاشي وٺڻ دوران پٿر معيار رکيو پير وڃي ام رباب چانڊيو جو حامي جڏهن ته ڀيوتي انچارج جو چوڻ هو ته ڪير به هجي قانون سڀني لاءِ برابر آهي.

بقايا | سنڌيار 02

نائب صدر رسول بخش شيخ .سينيئر نائب صدر حنيف بلوچ انفارميشن سيڪريٽري، مقصود ميمڻ محمود ميمڻ مرڪزي نائب صدر محمود عالم بين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو ويو،آل سنڌ ايجوڪيشن ليئر اسٽاف جي صدر منظور انڙ احتجاج کي خطاب ڪندي چيو ته گذريل 27سالن کان ليئر اسٽاف جون پروموشن رڪيل آهن جنهن جا ذميوار ڪجهه نام نهاد آفيسر آهن جيڪي رشوت نه ڏيڻ خاطر ليئر اسٽاف جي ميرٽ جي لتار ڪري رهيا آهن ۽ ليئر اسٽاف جي پروموشن ۾ رڪاوٽ بڻيل آهن هن وڌيڪ چيو ته ڊائريڪٽر اسڪول ايجوڪيشن ڪراچي ۾ ڪجهه رشوت خور آفيسر تيسٽ پاس ڪندڙ ليئر اسٽاف جي ميرٽ کي لڪائي پنهنجا رشوت عيوض پنهنجا من پسند ماڻهو اڳتي آڻڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن جنهن ۾ خاص ڪري هڪ آفسرملوٽ آهي جيڪا ميرٽ تي ايندڙ ملازمن سان زيادتي آهي هن چيو ته اسان اڄ هڪ پرامن احتجاج ڪنڊاسين جيڪو ڊائريڪٽر اسڪول ايجوڪيشن ڪراچي جي آفيس ڪريم آباد آڏو هوندو جنهن ۾ سمورا ليئر اسٽاف جا ملازم شرڪت ڪندا ۽ رشوت خور آفيسرن جا خراب ارادا ڪڏهن ڪامياب ٿيڻ نه ڏيندا سين هن وزير اعلي سنڌ سيد مراد علي شاه منسٽر ايجوڪيشن سنڌ سيد سردار شاه سيڪريٽري تعليم اڪبر لغاري ۽ پين اعلي عملدارن کان مطاليو ڪيو ته فوري طور تي ليئر اسٽاف جي پرموشن ۾ رڪاوٽ بڻيل آفيسرن کي هٽايو وڃي ميرٽ تي ايندڙ ملازمن جو پروموشن جو آرڊر ڪيو وڃي ٻئي صورت ۾ سڄي ڪراچي جا ملازم ڊائريڪٽر اسڪول ايجوڪيشن آفيس آڏو تالا بند احتجاج ڪندا سين

بقايا | سنڌيار 03

پريشانين کي منهن ڏئي رهيا آهن شهرين مطاليو ڪيو آهي ته سکر شهر ۾ گئس جي اڻ اعلانيل لوڊشيڊنگ بند ڪئي وڃي

بقايا | سنڌيار 04

بڙوي، رستم شر ۽ پين چيو ته شاڪرد اصغر پنڪوار بيروزگاري سبب ڪشي لاءِ ڪراچي ويو هو جتي ڪيس روزگار نه نصيب ڪوٺ ٿيوالتو ڪيس بلاجواز ڪنپي گر ڪيو ويو آهي هنن چيو ته شاڪرد اصغر پرامن قومي سياسي ڪارڪن ۽ شهري آهي اصغر کي ظاهر ڪري ڪيس آزاد ڪيو وڃي. پي صورت ۾ احتجاج جاري رهندو ۽ 11 جون تي نوشهرو فيروز ۾ اصغر پنڪوار سميت مختلف قومي ڪارڪنن جي آزادي لاءِ جشنر جي مرڪزي وائيس چيئرمين امجد مهيسر جي اڳواڻي ۾ پريوار احتجاج ڪري ڊرٽو هنيو ويندو.

بقايا | سنڌيار 05

سان پريل ترڪ پل تان گذرڻ سبب پل ترڪ سميت ڏماڪي سان ڪري پٽي جنهن سبب ڪوب جاني نقصان نه ٿيو. پرلڪين روبين جي مال بردار ترڪ ٻن حصن ۾ ٽٽي ٿياه ٿي وئي، ان سلسلي ۾ پنون ۽ راهوٽ جي رهواسين ايس ٽي پي اڳواڻ عبدالڪريم پليجو، شريف ميمڻ، جمن سومرو، غلام عباس پليجو، اقبال لاشاري ۽ پين پنون، راهوٽ روڊ تعميرنه ٿيڻ خلاف سخت احتجاج ڪندي چيو ته پنون ڪان راهوٽ اوٽال روڊ زمين هڻڻ سبب حادثا ۽ ڦرن جون واردتون ٿيڻ روز جو معمول بڻيل آهي، جڏهن ته روڊ ويچ ۾ تقريبن 15 ڪان وڌيڪ برج مرڻون هنڌان هنڌان تتل آهن. ڪيرب ڏيان ڏيڻ لاءِ تيار ناهي، هنن حڪومت سنڌ، سجاول جي ضلعي انتظاميا ۽ حد جي چونڊيل نمائندن ڪان مطاليو ڪيو ته فوري پنون اوٽال روڊ تعميرڪرائي عوام کي سهولتون ڏنيوڃي.

بقايا | سنڌيار 06

قيادت چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ۽ پاڪستان پيپلز پارٽي ليڊيز ونگ جي مرڪزي صدر محترمه فريال تالپر طرفان ضلعي ڪائونسل جي ٻن مخصوص سيٽن مان هڪ سيٽ تعلقو رتوڊيرو جه شهر نئون ديرو سان تعلق رکندڙ شهيد بخشل خان منگي جي پٽ طاهر علي منگي کي ڏني وئي آهي.ان حوالي سان شهيد بخشل خان منگي جي پٽ طاهر علي منگي چيو اسان ب پ ب جي شهيد ورڪر شهيد بخشل خان منگي جي اولاد پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ۽ ليڊيز ونگ جي مرڪزي صدر فريال تالپر ۽ ضلعي لاڙڪاڻي جي جنرل سيڪريٽري ڀائو اعجاز احمد لغاري جا ٿورائتا آهيون جن اسان مٿان اعتماد ڪري اسان کي مخصوص ڪائونسلري ضلعي لاڙڪاڻي جي سيٽ ڏني اسان پارٽي جي ورڪرن سا به ٿورائتا آهيون.۽ انشاءَ الله اسان سڀني جي اعتماد تي پورو لهڻ جي پورپور ڪوشش ڪندا سين ۽ سڀني سان گڏجي هلندا سين.

بقايا | سنڌيار 07

ڪي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ ڪئي آهي. ان ڏس ۾ سکر پوليس جي ترجمان پاران جاري ڪيل بيان ۾ ايس ايس پي سکر سنگهار ملڪ دعويٰ ڪئي آهي ته نئون پنڊ ٽاڻي جي پوليس نئون ڳوٺ قبرستان واري علاقي ۾ ڏوهارين سان مقابلو ڪري بدنام ڏوهاري بابر علي اوڊو کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪري ورتو آهي، جڏهن ته سکر سي سيڪشن پوليس ڊي آئي ڊي تاور واري علاقي ۾ مقابلي دوران اقرار علي کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪري ورتو آهي، ايس ايس پي پاران دعويٰ ڪئي وئي آهي ته سي سيڪشن ٽاڻي جي پوليس ڊي آئي ڊي مولا واري علاقي ۾ ڪارروائي ڪري جوابدار نادر علي کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو آهي، ٽنهي پوليس مقابلن دوران ڏوهارين وٽان هٿيار ڀڻ هٽ ڪيا ويا آهن. گرفتار ڏوهارين کي علاج لاءِ سول اسپتال سکر داخل ڪيو ويو آهي

بقايا | سنڌيار 08

۽ محمد يعقوب چانڊيو جي ٻن ڌرين وچ ۾ هلندڙ خوني تڪرار جو نبيرو ڳوٺ محمد ابراهيم چانڊيو ديه ڳاڙهو ۾ فوجي علي مراد چانڊيو ۽ علي شير چانڊيو جي سرينڊچي ۾ علي مراد چانڊيو جي اوطاق تي ٿي گذريو جتي ٻنهي ڌرين کي ماضي ۾ پيش آيندڙ معاملن مسئلن سميت ڪا ٻ ڳالهه نه ڪرڻ ۽ قرآن پاڪ رکي ڪير ڪنڊ ڪيو ويو ۽ ٻنهي ڌرين کي پاڪ پاراٽي ڪير ڪنڊ ڪيو ويو جتي سمورن جي چهرن تي خوشي جي لهر چانڊجي وئي. هن معاملي کي نبيرڻ لاءِ شمن علي ڊونگ، ذوالفقار عرف ڪارو چانڊيو، مومن علي ڪوسو، اڪبر علي ماچي، امداد چانڊيو، خادم برڙو، خادم چانڊيو، سعيد خان چانڊيو ۽ پين اهم ڪردار ادا ڪيو. جڏهن ته فيصلي ۾ ڪي به ڳالهيون نه ڪيون ويون ٻنهي ڌرين پاڪ ڪلام کي مان ڏيندي پاڪ ڪلام تي هٿ رکي هر ڳالهه ڪي ختم ڪري بنا ڪنهن ڏوه ڏنڌ جي هڪ ٻيي کي بخش ڪري ڏنلين مان ميرڪڊي چڏيو ۽ ٻيي ڌرين پاڻ ۾ ڪير ڪنڊ تي ويون جڏهن ته ٻنهي ڌرين جي وچ ۾ ٺاه ڪرائڻ لاءِ حامد علي چانڊيو، شهاب چانڊيو، فوجي علي نواز چانڊيو، فوجي عنايت چانڊيو، فوجي عطا محمد چانڊيو، مير چانڊيو، عبدالفتاح رند، عبدالغني شر، عبدالخالق جت، رضا محمد چانڊيو، سومر چانڈيو، دليل چانڊيو سميت مورو شهر ۽ آس پاس جي علاقن مان معززين ۽ سياسي سماجي ماڻهن دوستن پڻ شرڪت ڪئي. ٻنهي ڌرين جي نبيري کان پوءِ دعا خير گهري وئي ۽ خيرجو نڪرڻ پڻ تفسير ڪيو ويو.

بقايا | سنڌيار 09

سميت فقير آباد ۾ احتجاج ڪندي ڏاڻهيءَ آهي ته ڳوٺ ۾ مدرسي جي پيش امام مولوي اسماعيل ڪوري، 6 ورهين جي معصوم ڀٽير نينگر ابوبڪر چانڊيو مٿان بي رحماڻو تشدد ڪري ڪيس ويهڪ واري جاءِ تي زخمن جا نشان ناهي چڏيا جنهنڪري معصوم هلڻ کان لاچار آهي هن چيو ته معصوم ابوبڪر چانڊيو جو پيءُ فوت ٿي ويو آهي. يتيم ٻار آهي سندس ڪا غلطي به نه آهي تنهن باوجود مولوي مٺس بي رحماڻو تشدد ڪري مسجد مان ڀڄي ويو. نينگر جو چوڻ آهي ته مولوي مسجد ۾ اڳهاڙو ڪري ڪٽيو آهي اسان ايس ايس پي حيدرآباد ميرروحل ڪوسر کي اپيل ٿا ڪيون ته ان معاملي جو نوٽيس وٺي مولوي کي سخت سزا ڏئي انصاف ڪيو وڃي.

بقايا | سنڌيار 10

خاصخيلي ۽ سندس ساٿي روشن ڏاڪر کي پوليس گرفتار ڪرڻ باوجود ڪين ظاهر نه ڪيو آهي جنهن جي ڪري ڪيترائي خدشا جنم وٺي رهيا آهن. مسلسل احتجاج هلي رهيا آهن ان باوجود به ڏنڌو محمد خان پوليس قومي اڳواڻ کي ظاهر نه ڪري ناانصافي ڪري رهي آهي. هنن فوري طور تي قومپرست اڳواڻن کي ظاهر ڪرڻ جو مطاليو ڪيو آهي.

بقايا | سنڌيار 11

سخاوت لغاري سميت 8 جڻا شامل زخمين ۾ جمالي برادري جا اعظر جمالي، ۽ ذوالفقار جمالي زخمي ٿي پيا.زخمين مان ٻن جڻن جي حالت سرٽيڪ سيوهڻ ريفرهوٽل مالڪ همت لغاري پاران ڄاڻ اوڏر تي نه ڏيڻ تان ڌرين ۾ جهيڙو ٿيو آهي.

بقايا | سنڌيار 12

ڏني جنهن جي بقايا رقم پ ب ايم پي اي عليي حسن زرداري جو ويجهو عزيز موري واسي منار زرداري هائي نه ٿو ڏئي. هنن چيو ته زمين ۾ ۽ پائيوار هٿاسين جنهن ۾ مان صداقت جتوئي ۽ فهد ميمڻ موري جو رهواسي آهي هائي منهنجو پائيوار فهد ميمڻ ۽ خريدار ڳجي ڪري منهنجي حصي جي رقم نه ڏئي. هنن ايم پي اي علي حسن زرداري، عاشق زرداري کان مطاليو ڪيو ته منار زرداري کان رهيل رقم واپس ڪرائي ڏني وڃي متاثرين ڊي سي ڊاڊو، اي سي ، مختيارڪار ۽ رجسٽرار آفيسر کان به مطاليو ڪيو ته زمين خريد ڪندڙ جي ذاتيءَ رجسٽري ڪينسل ڪري سندس سان انصاف ڪيو وڃي.

بقايا | سنڌيار 13

اجلاس ڪوناڀو ويو جنهن ۾ سياسي و سماجي تنظيمن پاران آڇر کان ڪامورن خلاف تحريڪ هلائڻ جو اعلان ڪيو ويو ان موقعي تي اڳواڻن محمد ابراهيم ڏنگراڻ محمد يونس راڄپر، منظور مغل ، عبدالسلام بهر، غلام سرور آرائڻ قاري محمد اشرف ماهنور شيخ سهيل احمد منگي ۽ پين چيو ته نوشهروفيروز جي ناهل انتظاميان ۽ چونڊيل نمائندن جي لاپرواهي سبب نوشهروفيروز شهر گندگي جو ڍير بڻجي ويو آهي جنهن سبب نوشهروفيروز جا شهري، معصوم ٻار، ۽ شاگرد مختلف بيمارين ۾ وڃي رهيا آهن پر افسوس انتظاميان ۽ چونڊيل نمائندن جي ڪنن تي جون" به نه ڀري رهي آهي هنن چيو ته نوشهروفيروز جا روڊ رستا، مين چوڪ ۽ هيٺائين وارا علائقا ڊرينيج جي گندي پاڻي جي ليپٽ هيٺ ڪري شهري سخت پريشانين کي منهن ڏئي رهيا آهن ۽ شهرين جو ڪاروبار به ڏب ٿي ويو آهي هر طرف گندگي جا ڍير هيٺ ڪري شهر کنڊر جو ڏيک ڏئي رهيو آهي هنن اعلان ڪيو ته آڇر کان نوشهروفيروز ۾ وڌندڙ گندگي خلاف تحريڪ جو شروعات ڪري انتظاميان جي آفيسن اڳيان ڌرڻا هنيا ويندا

بقايا | سنڌيار 14

اعجاز احمد مهيسر خبرموجب: ڪي اين شاهه ۾ فاطمه فرٽيلائيزر ۽ ايگريڪلچرٽوسيع ڪاٽي پاراٽي سارياڻي فصل جي پيداوار وڌائڻ بابت سڪندر ڪوهارو هال ٻاٽي پاس ڪي اين شاهه ۾ آبادگارن جو ڪنونشن منعقد ڪيو ويو، جنهن ۾ ڪي اين شاهه تعلقي جي مختلف يوسيزجي آبادگارن وڏي اڳڪ ۾ شرڪت ڪئي، جتي آبادگارن کي شيلڊون تقسيم ڪيون ويون. ايگريڪلچر ڪاتي سنڌ جي سيڪريٽري قاضي اعجاز احمد مهيسر تقريب کي خطاب ڪندي چيو ته ساريائي فصل جي پيداوار وڌائڻ لاءِ معياري بيج، پاڻ ۽ دوائن جو هجڻ ضروري سان، معياري جنس سان پيداوار ۾ اضافو ٿئي ٿو، هن چيو ته فاطمه فرٽيلائيزر ڪمپني ۽ زرعي ڪاتي پاران گڏيل ڪوشش سان هارين ۽ آبادگارين کي زبردست ڄاڻ ملي ٿي جنهن سبب ڪين پيداوار ۾ زبردست فائدو پهچي ٿو، هن چيو ته زراعت ڪاتي حڪومت سنڌ پاران ايمرجنسي دوارن پوڙ وارن علائقن ۾ آبادگارن ۽ هارين کي ڪنڊ جي پوکي ۾ في ايڪڙ ٽي پنج هزار سبسڊي ڏني آهي ۽ ساريائي فصل ڪرائڻ لاءِ هارين آبادگارن کي فصلن جي زبردست ڄاڻ ڏئي رهيا آهيون ته جيئن وڌ ۾ وڌ پيداوار کي وڌائي زبردست ناٽو ڪمائي سگهن. ان موقعي تي ڊي جي زراعت هدايت الله چڇڙو، ڊويزنل ڊائريڪٽر اسلام الدين راجپوت، ڊپٽي ڊائريڪٽر هيڊ ڪوارٽر دادو دين محمد بلوچ، ڊپٽي ڊائريڪٽر محمد امين ڀنهور، ڊپٽي ڊائريڪٽر ڪي اين شاهه ضياءالحسنين جوڻيجو، ب پ ب ايم پي اي انجنيئر عبدالعزيزجوڻيجو جو پائيٽيو علي بخش خان جوڻيجو، واجد مهيسر، عرفان جتوئي، عبدالحليم جوڻيجو، احسان الحق آرائين، سيد اسلم شاهه، سيد اظهر حسين، ذوالفقار علي جتوئي، ممتاز علي ملاح، دلبر ملاح ۽ ٻيا آبادگارن پريور شرڪت ڪئي.

بقايا | سنڌيار 15

بدامني، موترسائيڪل موبائيل فون ڦر ۽ چوري واقعن خلاف عطاالله مڪسي، نادر مڪسي، آصف مڪسي، ماسٽر منظور، شيرڊل مڪسي ۽ پين ڪو آڳاڻي ۾ هن ۾ پلي ڪارڊ ڪٽي ڪوٽو موٽو چوڪ تي احتجاجي مظاهرو ڪري ڊرٽو هنيو. ان موقعي تي آڳاڻن ميڊيا وارن سان ڳالهائيندي چيو ته شهرجو امن تباهه ٿي ويو آهي هر روز موترسائيڪلون، موبائيل فونز ڦرٽيئن ۽ چوريون معمول بڻجي ويون آهن جنهن ڪري ڪوب شهري محفوظ ناهي هنن چيو ته شهر ۾ وڌندڙ ڏهاڙي واقعن جو نوٽيس وٺي امن بحال ڪرائي شهرين ۾ پکڙيل بيچيني ختم ڪئي وڃي.

بقايا | سنڌيار 16

جو پرٽو ڪيو آهي اهڙو بيان ميڊيا تي به اچي ويو آهي پر ايسڊ او دولتيور مهنوري گهر کي ڦاٽي ۽ تبديل ڪري ڇڏيو آهي گهر جي ٻاهران پوليس وينيو آهي جيڪا منهنجي مائٽن علينواز ڪوسو شير محمد ۽سوائي جي ٻچ تي منهنجي گهر ۾ پيل آن روز ٻاڪسنون گهرائي ڪئي وڃن ٿا مون کي پنهنجي 30 ايڪڙ زمين آهي آن جي لاءِ رڪيل ٻچ ڪاٽيٽ جو آن سون الا ڏڻ ٻهاري وٺي آ ۽ منهنجا سڀاويا مائٽ ڏهڪيون ٿا ڏين ته نه چوڪرو ڪائي ٻڌاءِ نه ٻڌائيندي تنهنجا گهر به ڦاهيندا سين توکي ۽ تنهنجي پٽ کي به مارائيندا سين جڏهن ته وڏيري خان محمد فيصلو ڪيو آ مون کي 5 ڏينهن جي محنت به ڏني آهي مگر دولت پور پوليس ۽ منهنجا مائٽ منهنجي پٽ ۽ منهنا ويري دشمن ٿي بيٺا آهن مان آءِ جي سنڌ ڊي آءِ جي ايس ايس پي بينظير آباد ۽ پين وس وارن کي اپيل ٿو ڪيان پوليس ۽ ان جي گهندن منهنجي مائٽن خلاف قدر ڪٽن مون کي ۽ منهنجي پٽ کي ڪجه به ٿيو ته ذميوار ايس ايچاو دولت پور ۽ مننهنجا مائٽ شير محمد علي نواز ۽ سهائي ڪوسو هوندا ۽ منهنجو ڪٽي وان ۽ پيو سامان واپس ڪرايو وڃي.

بقايا | سنڌيار 17

لينا اڪبر گانگهرو، ڊسٽرڪٽ فوڪل پرسن عبدالستار بلال، ڊاڪٽر سجاول احمد مشوري،ڊاڪٽر عبدالخالق عباسي، ڊاڪٽر محمد صفر چنڊ ۽ پين شرڪت ڪئي ان موقعي تي ڊي سي نوشهروفيروز جيڪو هن پروگرام ۾ هڪ سال کان 20 سالن جو مائهن کي هيپاٽائٽس Aجي ويڪسين ڪرڻ سان گڏ 60 سال جي بزرگن کي ڪووڊ ويڪسين لڳائڻ، EPIجي ريگيولر ويڪسين ڪرڻ ۽ به ڪان 5 سالن جي ٻارن کي ميزلس رڳيبلا ويڪسين لڳائي ويندي هئي مهر 5 جون کان 17 جون تائين جاري رهندي هن چيو ته عوام کي گهرجي ته هن مهر مان وڌ کان وڌ مائهو فائدو حاصل ڪن جيڪڏهن ان مهر دوران ڪو موتجهاري پيش آيي ته ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر نوشهروفيروز يا ڊي سي آفيس ۾ قائم ڪنٽرول روم سان رابطو ڪيو وڃي.

بقايا | سنڌيار 18

ڪي پرياروڊ اسپتال بعدنوشهروفيروز ڪٽي وڃي رهيا هٿاسين ته رستي ۾ فوت ٿي ويوهن وڌيڪ چيو ته پرياروڊ اسپتال ۾ ٽانگ ڪڻڻ جي ويڪسين موجود نه هئي ڪري اڪثر ڪري متاثر رستن ۾ تڙپي تڙپي فوت ٿيو وڃن ٿا صحت کاتو نوٽيس وٺي انساني جانيون بچايون وڃن.

بقايا | سنڌيار 19

شاهه سکر پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو آهي ته سکر ۾ برسات کان بچڻ لاءِ مڪمل طور تي تياريون ڪيون ويون آهن. بلدياتي نظام ۾ پيپلزپارٽي جا چيڪي به اميدوار اچي رهيا آهن سموريا اميدوار عوام جي خدمت ڪندا. پيپلزپارٽي هميشه عوام جي ڳالهه ڪئي آهي. پيپلزپارٽي جي ڪو چيئرمين آصف علي زرداري هميشه سرپرائيز ڏنا آهن ملڪ جو وزيراعظم بلاول ڀٽو زرداري ٿيندو هن چيو ته ضلعي ڪائونسل جي چيئرمين لاءِ جنهن کي به اميدوار نامزد ڪيو ويو يقينن اهو پيپلزپارٽي جي منشور تي عمل ڪري عوامي خدمت ڪندو.

بقايا | سنڌيار 20

ڪورٽ نٿو ۾ وڪيلن پاران عدالتي ڪاروائين جو بائيڪاٽ ڪري ڇڏيو آهي. جنهن ڪري عدالتي ڪاروائين جو ڪاروهنوار بند ٿي ويو آهي. نٿو ۽ مڪلي تي هڙتال کي ڪامياب بنائڻ لاءِ شهري اڳواڻن رضوان شاهه، شاهد ميائي، جلال شاهه، شهروز چانگ، ڊاڪٽر عبدالحسين شاهه، اياز ميمڻ ۽ پين پاران موٽر سائيڪلن تي شهر جو گشت ڪري هڙتال کي ڪامياب بڻائيندي چيو ته هٽ وٺي بدانتظامي جي انتها ڪئي وڃي آهي، تاريخي شهر ڀڳو ۽ ٽن مهينن کان وٺي پيئڻ جو پاڻي ميسر نه آهي بجلي ۽ گئس جي ڏکيائي لوڊشيڊنگ سبب شهرين جي زندگي اجيرن بڻيل آهي، پر ضلعي انتظاميه واڻڪ ڏني ۽ چونڊيل نمائندا خاموش تماشائي بڻجي بيحسي جو مظاهرو ڪري رهيا آهن، اهڙي صورتحال ۾ شهرين مڪمل طور هڙتال ڪري انتظاميه خلاف فيصلو ڏيڻي ڇڏيو آهي، هنن گهر ڪئي ته ڦوٽن پاڻي جو ٻحران ختم ڪري نٿو ۽ مڪلي واسين کي ڪينجهر ونڊ مان پيئڻ جو پاڻي مهيا ڪري بجلي ۽ سوئي گئس جي اڻ اعلانيه لوڊشيڊنگ ختم ڪري شهرين کي پٽي عذاب مان نجات ڏياري وڃي. پٽي طرف نٿو بار ايسوسئيشن جي صدر ايڊووڪيٽ اعزاز شاهه ۽ جنرل سيڪريٽري منصور ترڪ چيو آهي ته وڪيل برادري به شهرين سان هن بنيادي مسئلن تي گڏ آهي. عدالتن ۾ به پٽيشنون داخل ڪرايون ويندیون. جيئن شهرين کي پنهنجا بنيادي حق ملي سگهن

بقايا | سنڌيار 21

ٽيهر کي ڏوهي قرار ڏنو ويو. عبدالحڪيم ٽيهو ذي منهنجا اٽل هڪ ڪروڙ جي لڳ ڀڳ پئسا ثابت ٿيا. جيڪي هائي پئسا ڳهڻ ٿان عبدالحڪيم ٽيهو ۽ ان جو والد محمد امين ٽيهو مونکي مونتمار ڏمڪيون ڏئي رهيا آهن. شاهد حسين وڌيڪ ٻڌايو ته اگر مونکي يا منهنجي فيملي کي ڪو به نقصان پهتو ته ان جو ذميوار عبدالحڪيم ٽيهو ۽ ان جو والد محمد امين ٽيهو هوندا. منهنجي وس وارن ايس ايس پي نوشهروفيروز ، ڊي ايس پي محراب پور ، ايس ايچ او هالائي کي اپيل آهي ته خدارا منهنجي مسئلي جي انڪوائري ڪري منهنجا حق واريا پئسا مون کي ڏياريا وڃن. ۽ عبدالحڪيم ٽيهو مان منهنجي جان ڇڏرائي وڃن.

بقايا | سنڌيار 22

مراد علي شاهه قبرستان انتظاميه جي لاپرواهي سبب گندگي جي ڍير ۾ تبديل ٿي ويو آهي. ان ڏس ۾ علاقائي ۾ ڊرينيج جو نظام خراب هجڻ سبب نالين ۽ گٽرن جو پاڻي قبرستان ۾ ڪاهي پٽجي ويو آهي. گندو پاڻي قبرستان ۾ موجود هجڻ سبب اڪثر قبرون مسمار ٿيندي نظر اچي رهيون آهن جنهن خلاف علاقن واسين احتجاج ڪندي ٻڌايو ته انتظاميه پاران قبرستان مان پاڻي نيڪال ڪرڻ لاءِ موٽرون لڳايون ويون هيو پر موٽر خراب ٿيڻ بعد هڪ ڀيرو ٻيهر قبرستان ۾ پاڻي جمع ٿي ويو آهي پر انتظاميه اڳهوريو ننڊ سٽل آهي، جنهن سبب شهرجي قبرستانن تي قبضا مافيا قبضو ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي شهرين اعلي اختيارين کان مطاليو ڪيو ته شهر جي قبرستانن ۾ ڪيل قبضا فوري طور تي هٽائي قبرستان ۾ صفائي جي نظام کي بهتر بڻايو وڃي. ٻي صورت ۾ سخت احتجاج ڪيو ويندو.

بقايا | سنڌيار 23

چاڻو، چار عورتن سميت ٽن مردن کي گرفتار ڪري ورتو. جن ۾ مسمات خالداڻ زال اڪرم سولنگي ويلڊ جمال شاهه؛ ڪشور ذي محمد نواز ؛ ڪنول ذي پرويز جت ؛ نازيا زال محمد نواز جت ؛ ويلڊ پنجاب لاهور شهر 0 مردن ۽ غلام مرتضيٰ ولد محرم لنڊ ؛ محمد لايق ولد ڪريم بخش سولنگي ۽ اڪرم سولنگي کي گرفتار ڪري ورتو جن کان 5000 روپيا نقد ۽ عدد موبايل فون ريڪور ڪري ورتا ۽ مٿن ايف آءِ آر نمبر U/S/371A 371B 371 373 283/2023 PPCجا قلم پڻ لڳايا پي ايس مورو تي ڪيس داخل ڪيو ويو آهي

بقايا | سنڌيار 24

گهرياتين جي مزاحمت تي هٿياربندن جي فائرنگ ۾ واپاري ٻوهر مل ڪيسواڻي ۽ سندس پٽ گووندا ڪيسواڻي شديد زخمي ٿي پيا. جن کي اسپتال منتقل ڪيو ويو، جتي واپاري ٻوهر مل جي حالت ڳڻتي جوڳي بڌائي پئي وڃي. جڏهن ته مزاحمت بعد هٿياربند آساني سان فرار ٿي ويا. ٻئي طرف پيپلزپارٽي ميناريٽي ونگ سنڌ جي نائب صدر مڪي اوڏا مل رابطو ڪرڻ تي ٻڌايو ته ابراهيم حيدري ۾ هٿياربندن پاران هندو واپاري جي گهر ۾ گهوڙي گهرياتين کي يرغمال بڻائي گوليون هڻي واپاري ۽ ان جي پٽ کي زخمي ڪرڻ وارو معاملي تي ابراهيم حيدري پوليس ڪنٽرولر ڪشوري فاصلي تي آهي اطلاع باوجود پوليس نه پهتي جنهن سبب هٿياربند آساني سان فرار ٿي ويا، هن چيو ته واقعي کي ڪافي ٽائيم گذرڻ باوجود پوليس هن وقت تائين جوابدارن جي گرفتاري لاءِ ڪو به قدم ناهي کنيو جنهن مان معلوم ٿئي ٿو ته پوليس علاقتي ۾ هٽ ۽ ٻاهمي ڪرائڻ ۽ ڦرن جي واقعن ۾ ملوث آهي. اسين وزيراعليٰ سنڌ، آءِ جي سنڌ ۽ پين وس وارن کان مطاليو ڪيون ٿا ته واپاري ٻوهر مل جي گهر ۾ ڏاڙي واري واقعي ۽ واپاريون کي زخمي ڪرڻ ۽ ملوث جوابدارن کي فوري طور تي گرفتار ڪري انصاف فراهم ڪيو وڃي.

بقايا | سنڌيار 25

نعري بازي، تفصيل موجب آڪڙا مرڪزي ۽ صوبي سنڌ جي هدايتن تي آڪڙا ضلع شڪارپور پاران پٽرول، ڊيزل، بجلي، گئس ۽ ڪاڏي پيتي جي شين جي آڻهن ۾ واڌ خلاف، موتمار مهانگائي ۽ ڀڳهارن ۾ 200 سيڪڙو اضافي لاءِ آڪڙا ضلعي شڪارپور جي صدر عبدالوهاب ڪاغذي جي اڳواڻي ۾ 20 ڪان وڌيڪ ڊپارٽمينٽ جن ۾ هليت، ايجوڪيشن، پاپوليشن لوڪل گورنمينٽ، ميونسپل، روڊس، پبلڪ صحت، سوشل ويلفيئر، ڪاليج فوڊ، فاريسٽ، ايجوڪيشن ورڪس، هاءِوز بلڊنگس روينيو، ايريگيشن، اسڪارب ڊرينيج، ايڪسائيز سميت پين ڊپارٽمينٽ جي درزنين ملازمن ۽ مختلف سياسي سماجي تنظيمن جن ۾ شڪارپور بچاءِ تحريڪ، حيئي سنڌ محاذ، ب پ ش پ، پاڪستان پيراميڊيڪل ۽ پين تنظيمن ميونسپل آفيس کان هڪ احتجاجي ريلي ڪڍي جيڪا شهرجي مختلف رستن کان ٿيندي جمائي هال چوڪ ڀڻجي جتي نتهن اس ۾ ڊرٽو هنيو ويو جنهن بعد ريلي پريس ڪلب آڏو ڀڻجي جتي پڻ ملازمن ڊرٽو هنيو ۽ موتمار مهانگائي خلاف سخت نعريبازي ڪئي، ان موقعي تي عبدالوهاب ڪاغذي، سيد نظير شاهه، حمير مجاهد حسين لانگاهه، آغا بابر پٺاڻ، محمد اسلم شيدي، حمير شجراع، عبدالغفور رند، آغا شعيب پٺاڻ، شاهد علي ميمڻ، ڪامران صديقي، مولابخش پٽو، گدا حسين پٽو، فقير نياز سومرو، گل حسن ابڙو، محبوب ڏيڻ، محمد سچل پيو، عذير قريشي، الله بخش، عبدالحفيظ منگي، شيراز ڪهر ۽ شڪارپور بچاءِ تحريڪ جي اسدالله سومرو، عبدالغفور ڏايو، اعجاز ڪاڪيپوٽو، عبدالغفور ڏايو، سعيد سومرو ۽ پين خطاب ڪندي چيو ته ڪوشش ڪئي وڃي ته پوليس اسان جي گهرن کي باه ڏئي ساڙيو آهي ۽ اسان مٿان تشدد ڪيو ويو آهي هنن چيو ته اسان جو ٻاڻ ۾ جائداد جي وراست تي تڪرار هلندڙ آهي جنهن جو ڪيس به هلندڙ آهي، جڏهن ته روڪڻ باوجود تڪرار واري زمين ۾ ٻاڻ حقنواز پٽو نيڪي تي وري آهي جنهن جي ونگار وهندي ايس ايچ او اوباوڙو عبدالواحد پٽو پوليس نفري ۽ پٽا برادري جا هٿياربندن ماڻهو ساڻ وٺي اسان جي گهرن کي باه ڏئي قبضو ڪرائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي اسان جا مرد گهر ۾ نه آهن هنن چادر ۽ چاردڀواري جو خيال به ڪيو اسان سان انصاف ڪيو وڃي جڏهن ته پي ڊرجي شهاب ڏين ۽ فهميدا چاچڙ جو چوڻ هو ته اسان جي ڪاتي واري زمين تي عمران چاچڙ ۽ پائرن قبضو ڪيو آهي جنهن جو ڪيس هلندڙ هو ۽ هاءِ ڪورٽ سکر قبضو خالي ڪرائڻ جو حڪم ڏنو آهي. جڏهن ته ايس ايچ او اوباوڙو عبدالواحد پٽو موقف ڏيندي چيو ته اسان هاءِ ڪورٽ جي حڪم تي آيا آهيون، گهر کي اسان باه نه لڳائي آهي ۽ نه ئي ڪنهن تي تشدد ڪيو آهي ۽ نه وري اسان سان ڪو پرائيويٽ ماڻهو به ساڻ آهي، آهي سمورا اسان مٿان الزام لڳايا پيا وڃن.

بقايا | سنڌيار 26

نينگري جي سڄاڻپ 4 سالن منها ڏيءِ صمد جي نالي سان ٿي جيڪا مدينه ڪالوني مليرجي رهائشي هئي

بقايا | سنڌيار 27

پين جي اڳواڻي ۾ علامتي بک هڙتال ڪئي وئي ، ان موقعي تي بک هڙتال تي ويٺل اڳواڻن چيو ته پيپلز پارٽي جي ضلعي قيادت مسلسل پيپلز ليبر بيورو جي ڪارڪنن کي نظرانداز ڪري رهي آهي ، ضلعي صدر حڪيم دستي جي ڏيءُ سميت 4 مخصوص سيٽون آهن جنهن مان هڪ سيٽ اسان کي ناهي ڏني ويئي جيڪا اسان مزدورن سان سراسر ناانصافي آهي ، هنن چيو ته ليبر بيورو جي ضلعي صدر جي ڏيءُ جو نالو مخصوص سيٽ ۾ شامل هو جيڪو ختم ڪري اها سيٽ پي ڪي ڏني ويئي آهي. هنن چيو ته پيپلز پارٽي جي اعلیٰ قيادت معاملي جو نوٽيس وٺي پي صورت ۾ اسان شهيد راڻي بينظير ڀٽو جي مزار آڏو علامتي بک هڙتال ڪنداسين.

بقايا | سنڌيار 28

صدر ڊاڪٽر محمد نواز سمون، مولوي محمد خان انڍڙ، آفتاب نواب ميراڻي، شوڪت علي مهر ۽ پين جي اڳواڻي ۾ مظاهرين خانبورمهر جي پنج گلي چوڪ کان تعلقه پريس ڪلب خانبورمهر تائين ريلي ڪڍي احتجاجي مظاهرو ڪيو ان موقعي تي اڳواڻن ميڊيا سان گهاڻيندي